Malteser International

BMZ | Federal Ministry for Economic Cooperation and Development

# ضلع سطح تي مقامي ترقيءَ جي رٿابندي واري عمل ۾
# آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا تي
# ڪم ڪندڙن لاءِ رهنُما ڪتابچو


مالٽيزر انٽرنيشنل ۽ صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (پي ڊي ايم اي) سنڌ


# Practitioners Guidebook on Mainstreaming DRR into Local Development Planning Process at District Level



Published by: Malteser International Pakistan

Project Name: Strengthening of Resilience through DRR and Livelihood Measures in Vulnerable Coastal Communities in District Thatta, Sindh, Pakistan

Funding Support: (German Federal Ministry for Economic Development Cooperation) BMZ

Technical Support: *Provincial Disaster Management Authority* Sindh

First Edition April 2017

This Publication is Available at:

Malteser International Pakistan office. For More detail contact:

Fayyaz Hussain Shah, Program Coordinator DRR Malteser international Pakistan

Email ID: fayyaz.shah@malteser-international.org

Mubahsir Hassan, Area Coordinator Sindh Malteser International Pakistan

Email ID: Mubashir.hassan@malteser-international.org

Material in this publication can be freely Quoted or printed with due acknowledgment to the concerned organization.

BMZ Federal Ministry for Economic Cooperation and Development

Malteser International

# Capacity Building Workshop

## For Government Officials on Mainstreaming DRR into Local Development Planning Process

**“Strengthening of Resilience Through DRR and Livelihood casures in Vulnerable coastal Communities in District Thatta, Sindh Province Pakistan”**

**On August 24 - 2016,** **At makli Gymkhana**

**Organized By: Malteser International**

# فهرست



| | |
|---|---|
| **صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) جي ڊائريڪٽر جنرل جو پيغام** | |
| مخفف | |
| دستاويز بابت: | |
| تمهيد | |
| اهم خطرا، آفتي واقعا ۽ صوبي سنڌ ۾ اثر | |
| بنيادي تصور/وصفون | |
| ترقياتي رٿابندي ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا مان ڇا مراد آهي؟ | |
| آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جا مقصد | |
| آفتي خطري کي گهٽائڻ جو مرڪزي ڌارا ڇو؟ | |
| مرڪزي ڌارا ڪيئن ڪجي؟ | |
| آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا تي جاچ | |
| آفتي خطري کي گهٽائڻ جي موجوده پاليسي | |
| بجيٽ جي ورهاست | |
| ادارتي بندوبست | |
| ضلع سطح تي ڪم ڪندڙن لاءِ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جا رهنما نقطا | |
| صحت جو شعبو | |
| تعميري ڍانچي جو شعبو | |
| رهائشي شعبو | |
| زراعت جو شعبو | |
| تعليم جو شعبو | |
| سماجي ڀلائي جو شعبو | |
| عوامي صحت جي انجنيئرنگ جو شعبو | |
| آبپاشي جو شعبو | |
| ڪوسٽل گارڊ | |
| پاڪستان جي رٿابندي واري ڪميشن طرفان ناهيل چيڪ لسٽ: | |
| شامل ڪيل اضافي دستاويز – ب | |
| حوالا | |



## صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) جي ڊائريڪٽر جنرل جو پيغام

اها حقيقت آهي ته آفتن ۽ ترقي جو پاڻ ۾ ويجهو لاڳاپو آهي. خطرن ۽ نقصانن جي موجودگيءَ هميشه گڏجي آفتون آڻڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا. آفت گهٽائڻ جي انتظام ڪاري ڪرڻ پاڪستان جيان آفت زده ملڪ ۾ مناسب اهميت جي ضرورت آهي. ملڪ جو ڀنهي لاتعداد قدرتي ۽ هٿرادين آفتن جي شڪل ۾ مشاهدو ڪيو ويو آهي. آفتون طويل ميعاد پاليسين، موثر ادارتي انتظام ۽ مضبوط جامع منصوبابندي سان منظم ڪري سگهجن ٿيون. ان ضرورت جي اهميت کي محسوس ڪندي، پاڪستان جي حڪومت قومي، صوبائي ۽ ضلع سطح تي لاتعداد ادارا قائم ڪيا آهن.

صوبو سنڌ تاريخي طور تي ڀنهي قدرتي ۽ هٿرادين آفتن کان متاثر ٿيو آهي. وڏي سطح جا خطرا اڪثر ٻوڏ/تيز ۽ شديد بارشن، ساحلي علائقن ۾ طوفان، سمنڊ جي بي قاعدي دخل، خشڪ ساليون، زلزلا ۽ وبائي مرضَ وغيره کان درپيش آهن. سنڌ حڪومت ۽ صوبائي آفت جي انتظامي اختياري آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مختلف سرگرمين جي ذريعي لچڪ حاصل ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي مصروفِ عمل آهن. انهيءَ سلسلي ۾ اسان مختلف تنظيمن ۽ باهمي پائيوارن کي صوبي ۾ آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) متعلق سرگرميون ڪرڻ تي انهن جي حوصلا افزائي ڪريون ٿا. مقامي سطح جي ساٿي ادارن جي طرف کان فني صلاحيتون جيڪي خاص طور تي ضلعي حڪومت جي ادارن ۾ شامل آهن اهي تمام اهم آهن. اهو يقين ڪيو ويندو آهي ته هڪ تربيت يافته انساني وسيلو لچڪ جي تعمير ڏانهن وڏيڪ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. مالٽيزر انٽرنيشنل طرفان تيار ڪيل مرڪزي ڏارا جو رهنما ڪتابچو مقامي اختيارين فني صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ هڪ اهم ڪوشش آهي. ڪم ڪندڙن جو هي رهنما ڪتابچو ضلعي آفت جي انتظامي اختياري (DDMA) جي عملدارن جي ضلع سطح تي آفت جي خطري جي انتظامي حڪمت عملين تي عمل درآمد ۽ سمجهڻ ۾ رهنما طور خدمت ڪري سگهي ٿو. مونکي اميد آهي ته مقامي ترقيءَ جي منصوبابندي واري عمل ۾ آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڏارا ۾ توهان لاءِ هي رهنما ڪتابچو مفيد ثابت ٿيندو.

# مخفف

| | |
|---|---|
| ADP - Annual Development Plan | ساليانو ترقياتي منصوبو |
| DRR - Disaster Risk reduction | آفتي خطري کي گهٽائڻ |
| DRM - Disaster Risk Management | آفتي خطري جي انتظام ڪاري |
| DDMA - District Disaster Management Authority | ضلعي آفت جي انتظامي اختياري |
| ERRA - Earthquake Reconstruction and Rehabilitation Authority | زلزله زده جي نئين سر تعمير ۽ بحالي جي اختياري |
| GLOF - Glacial Lake out Burst Flood | برفاني ڍنڍ جو ٻوڏ جي شڪل اختيار ڪرڻ |
| GDP - Gross Domestic Products | مجموعي ملڪي پيداوار |
| GIS - Geographical Information System | جاگرافي بابت معلوماتي نظام |
| ICCP - The Intergovernmental Panel on Climate Change | موسمياتي تبديلي تي بين الحڪومتي پئنل |
| IT - Information Technology | انفارميشن ٽيڪنالوجي |
| JICA - Japan International Cooperation Agency | جاپان جي بين الاقوامي تعاون جي ايجنسي |
| NDMA - National Disaster Management Authority | قومي آفت جي انتظامي اختياري |
| PHE - Public Health Engineering | عوامي صحت جي انجنيئرنگ جو شعبو |
| PDMA - Provincial Disaster Management Authority | صوبائي آفت جي انتظامي اختياري |
| SFA - Sandai Framework for action | ڪاروائي لاءِ سانداءِ فريم ورڪ |
| SGDs - Sustainable Development Goal | پائيدار ترقي جو مقصد |
| UNDP - United Nation Development Programme | اقوامِ متحده جو ترقياتي پروگرام |
| UNISDR - United Nation International strategy for Disaster Risk Reduction | اقوامِ متحده جي عالمي آفت جي خطري کي گهٽائڻ لاءِ حڪمت عملي |

# دستاويز بابت:

مالٽيسر انٽرنيشنل پاڪستان صوبي سنڌ جي ضلع ٺٽي جي ڪمزور ساحلي ماڻهن لاءِ ذريعه معاش ۽ آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي قوتِ مدافت کي مضبوط بنائڻ جي نالي سان هڪ گڏيل ذريعه معاش، ڪاڏي جي حفاظت ۽ آفت جي خطري کي گهٽائڻ تي منصوبو عمل درآمد ڪرائي رهي آهي. هن منصوبي لاءِ **اقتصادي ترقي ۽ تعاون واري جرمن جي وفاقي وزارت** (BMZ) طرفان مالي مدد ڪئي وئي آهي. هن منصوبي جي تحت مالٽيزر انٽرنيشنل مقامي ترقيءَ جي منصوبابندي واري عمل ۾ آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا تي رهنما ڪتابچو تيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ سرڪاري ادارن،ضلعي آفت جي انتظامي اختياري، صوبائي آفت جي انتظامي اختياري ۽ سول سوسائٽي تنظيمن سميت مختلف ساٿي ادارن سان هڪ مشاورتي ورڪ شاپ منعقد ڪيو ويو هو. صلاحيت جي تعمير سان گڏو گڏ شرڪت ڪندڙن رد عمل ۽ تمام گهڻا رايا وندبيا ۽ خاص طور تي ضلع سطح جي سرڪاري عملدارن ۽ عملي ڪم ڪندڙن لاءِ هڪ آسان رهنما ڪتابچو تيار ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. مالٽيسر انٽرنيشنل صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) جي تعاون سان مقامي ترقيءَ جي منصوبابندي واري عمل ۾ آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا تي رهنما ڪتابچو تيار ڪيو. صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) پوري صوبي ۾ ترقي ۽ خطري جي آگاهي منصوبي کي يقيني بنائڻ لاءِ پُرعزم آهي ۽ پنهنجون ڪوششون وڌائي پئي. هن رهنما ڪتابچي جا اهم پڙهندڙ ضلع سطح تي لاڳاپيل ادارا جيڪي سالياني ترقياتي رٿابندي واري عمل ۾ شامل هوندا آهن ۽ ضلع انتظاميه آهي. مالٽيسر انٽرنيشنل ۽ صوبائي آفت جي انتظامي اختياري، سنڌ (PDMA) پُراميد آهن ته هي رهنما ڪتابچو ضلع سطح جي ساٿي ادارن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو ۽ پوري صوبي ۾ لچڪ جي روايت پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

هي رهنما ڪتابچو صوبائي آفت جي انتظامي اختياري، سنڌ (PDMA) جي اهم فني ڪردار ۽ مختلف ساٿي ادارن جي تعاون سان تيار ڪيو ويو آهي. هن رهنما ڪتابچي جي تياري لاءِ صوبائي آفت جي انتظامي اختياري، سنڌ (PDMA)، قومي آفت جي انتظامي اختياري (NDMA)، اقوامِ متحده جو ترقياتي پروگرام (UNDP)، زلزله زده جي نئين سر تعمير ۽ بحالي جي اختياري (ERRA) ۽ پاڪستان جي منصوبابندي واري ڪميشن ( Planning Commission of Pakistan) جي موجود مواد کي نظر مان ڪڍيو ويو آهي ۽ موجود مواد مان متعلقه مواد جو حوالو ڏنو ويو آهي ۽ بهتر مشقن جي وسيع ڦهلاءَ جي ارادي جي اعتراف سان وري ڇاپيو ويو آهي. هن رهنما ڪتابچي جو مقصد سرڪاري عملدارن لاءِ آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) لاءِ پنهنجين روز مره جي مقامي سطح جي مشقن ۾ضم ڪرڻ جي درجن کي سمجهڻ لاءِ آسان طريقو مهيا ڪرڻ آهي. انهيءَ کان علاوه اهي ساڳي رهنما هدايتون سنڌي ٻولي ۾ ڇاپيون وينديون.

# تمهيد:

عالمي طور تي خطرا اڳتر آهن ۽ تيزي سان بار بار ٿي رهيا آهن. انساني ڪمزورين جي وڌندڙ سطح جي سبب ڪري انهن جو معاشرن تي اثر وڌي رهيو آهي. هر آفت سان، هتي ترقي جي مختلف شعبن جهڙوڪ زراعت، رهائش، تعميري ڍانچي، صحت ۽ تعليم وغيره تي اهم اثر آهي. هي ترقي پذير ملڪن جي ترقي ۽ غربت گهٽائڻ جي حڪمت عملين ۾ سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ رڪاوٽ جو سنگين نتيجو آهي ۽ پائيدار ترقي جي مقصدن (SDGs) جي حاصلات لاءِ هڪ خطري جو باعث آهي. بار بار آفتون ترقي جي فائدن کي ڳيهڻ ۾ هٿي ڏين ٿيون. جسماني تحفظ، خاص طور تي ڪمزور گروهن کي خطرن کان هيسايو ويو آهي. آڪٽوبر 2005 جو وڏو زلزلو ۽ بعد ۾ 2010 جي ٻوڏ شاهد آهي ته قدرتي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان کي هڪ گهڻ خطري جي تياري، روڪٿام، جواب ۽ بحالي جو منصوبو ٺاهڻ جي ضرورت آهي ته جيئن انساني جان و مال کي درپيش خطرن کي مختصر ترين ڪري سگهجي. زندگي جي نقصان کي معاشري تي تمام گهڻو سماجي، نفسياتي ۽ معاشي اثر آهي پر بنيادي ڍانچي جي بربادي ۽ تباهي جي لحاظ کان نقصان ٿئي ٿو جيڪو هڪ ملڪ جي معيشت تي هڪ ڪمزور اثر آهي. هي خاص طور تي ناقابلِ برداشت ٿئي ٿو بنيادي طور تي، ترقي جي عمل ۾ آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) واري گڏيل پروگرام جي ناڪامي جي ڪري سالن کان مٿي ڀاري سرمايه ڪاري سان پريل ترقي جا فائدا هڪ واحد آفت ۾ ناس ڪيا ويا آهن.

آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) هڪ لازم طور ترقي جو مسئلو آهي ۽ اهڙي طرح ڪمي ۽ تياري جي رٿابندي جو ماحولياتي خدشن سان ٺينديم جي تحت سمجهوتو ڪرڻو پوندو جنهن کي اڄ ملڪ منهن ڏئي رهيو آهي. آفتي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) خطرا گهٽائڻ ممڪنه نقصانن تي مرتڪز آهي نه ڪي آفتن کي سنڀالڻ ۽ انهن جي نتيجن تي مرتڪز آهي. آفتي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) هڪ ”روايتي تحفظ“ ٺاهڻ ۽ آفتي لچڪدار ڪميونٽي ٺاهڻ ۾ پنهنجو حصو ادا ڪري ٿي.

# اهم خطرا، آفتي واقعا ۽ صوبي سنڌ ۾ اثر

سنڌ قدرتي ۽ هٿرادين آفتن جي هڪ وڏي تعداد کان وائکي آهي جن ۾ ٻوڏون، خشڪ ساليون، مٽي جا طوفان، سامونڊي طوفان، روڊ حادثا، باهه ۽ ڦهلجندڙ بيماريون گهٽيون عام آفتون آهن پر هن وقت ٻوڏون ۽ خشڪ ساليون سڀ کان وڏيڪ اهم آفتون آهن جيڪي صوبي سنڌ کي جاغرافيائي پکيڙ، ذريعه معاش ۽ معيشت تي اثر جي لحاظ کان متاثر ڪن ٿيون. صوبي سنڌ ۾ بار بار ايندڙ آفتن جو خوراڪ، پاڻي، صحت، توانائي ۽ معيشت جي ٻين شعبن تي ڏُور ڏُور تائين اثر پيو آهي. خاص طور تي سڀ کان وڌيڪ آفت سٽيل ماڻهن جي وچ ۾ آفتي واقعن ذريعه معاش جي مضبوطي کي برباد ڪيو آهي. صوبي سنڌ ۾ آفتن سان متعلق سڌي ريت جسماني کان ويندي اثاثن کي نقصان پهتو جن ۾ عمارتون، بنيادي ڍانچا، تيار بيٺل فصلون، اناج جا دڪان، چوپايو مال سان گڏوگڏ انساني جانين جو نقصان شامل آهي. ان کان علاوه، آفتن سان متعلق ثانوي نقصانن جو مجموعي ملڪي پيداوار (GDP)، حڪومتي خزاني جي ڪارڪردگي ۽ وڌندڙ غربت جي درجن تي پڻ اثر پيو آهي.

پاڪسان جو قومي آفت جي انتظام ڪاري جو منصوبو (NDMP) ٺاهڻ دوران جاپان جي بين الاقوامي تعاون جي ايجنسي (JICA) قومي آفت جي انتظامي اختياري (NDMA) جي تعاون سان ضلع وائز خطري جو جائزو ورتو. جاپان جي بين الاقوامي تعاون جي ايجنسي (JICA) / قومي آفت جي انتظامي اختياري (NDMA) جي خطري جي جائزي موجب صوبي سنڌ ۾ في ضلع جي خطري جي متعلقه شدت هيٺ ڏيکاري وئي آهي.

| # | صوبو | ضلع | ٻوڏ جو خطرو | چين ڪرڻ جو خطرو | زلزلي جو خطرو | سونامي جو خطرو | طوفان جو خطرو | خشڪ سالي جو خطرو | برفاني طوفان جو خطرو | برفاني ڍنڍ جو ٻوڏ جي شڪل اختيار ڪرڻ جو خطرو | ڪُل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | سنڌ | ڪراچي | 4 | 1 | 5 | 5 | 5 | 5 | 1 | 1 | 27 |
| 2 | سنڌ | بدين | 5 | 1 | 3 | - | 5 | 2 | 1 | 1 | 18 |
| 3 | سنڌ | دادو | 5 | 1 | 2 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 17 |
| 4 | سنڌ | حيدرآباد | 5 | 1 | 4 | - | 4 | 5 | 1 | 1 | 21 |
| 5 | سنڌ | قمبر شهدادڪوٽ | 5 | 1 | 3 | - | 2 | 4 | 1 | 1 | 17 |
| 6 | سنڌ | ٽنڊو محمد خان | 5 | 1 | 4 | - | 4 | 5 | 1 | 1 | 21 |
| 7 | سنڌ | ٺٽو | 4 | 1 | 2 | 3 | 4 | 1 | 1 | 1 | 17 |
| 8 | سنڌ | ٽنڊو الهيار | 4 | 1 | 4 | - | 4 | 5 | 1 | 1 | 20 |
| 9 | سنڌ | مٽياري | 5 | 1 | 4 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 19 |
| 10 | سنڌ | جيڪب آباد | 5 | 1 | 3 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 18 |
| 11 | سنڌ | ڄامشورو | 5 | 1 | 2 | - | 3 | 5 | 1 | 1 | 18 |
| 12 | سنڌ | ڪشمور | 5 | 1 | 3 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 18 |
| 13 | سنڌ | ميرپور خاص | 4 | 1 | 3 | - | 4 | 4 | 1 | 1 | 18 |
| 14 | سنڌ | نوشهروفيروز | 5 | 1 | 3 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 18 |
| 15 | سنڌ | نوابشاهه | 5 | 1 | 2 | - | 3 | 5 | 1 | 1 | 18 |
| 16 | سنڌ | شڪارپور | 5 | 1 | 3 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 18 |
| 17 | سنڌ | گهوٽڪي | 5 | 1 | 2 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 17 |
| 18 | سنڌ | خيرپور | 5 | 1 | 2 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 17 |
| 19 | سنڌ | سکر | 5 | 1 | 2 | - | 2 | 5 | 1 | 1 | 17 |
| 20 | سنڌ | لاڙڪاڻو | 5 | 1 | 2 | - | 2 | 4 | 1 | 1 | 16 |
| 21 | سنڌ | ٿرپارڪر | 3 | 1 | 2 | - | 4 | 4 | 1 | 1 | 16 |
| 22 | سنڌ | سانگهڙ | 4 | 1 | 2 | - | 3 | 2 | 1 | 1 | 14 |
| 23 | سنڌ | عمرڪوٽ | 3 | 1 | 2 | - | 3 | 3 | 1 | 1 | 14 |

| اسڪور ڏيڻ جو طريقو | تمام گهڻو | گهڻو | وچولو | گهٽ | تمام گهٽ | ڪو به خطرو ناهي |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | 5 | 4 | 3 | 2 | 1 | - |

سنڌ حڪومت ۾ خاص طور تي صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA)، سنڌ اهو چاتو ۽ ڀانئيو ته آفتون صوبي سنڌ جي واڌ ويجهه ۽ غربت گهٽائڻ جي ڪوشش ۾رنڊڪ وجهي رهيون آهن. آفتي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) جيڪو آفتي انتظام ڪاري جي تصورن ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جو ڳڌيل نمونو آهي تنهنڪري حڪمت عملي جي بنيادي توجه جي حصن مان هڪ کي اختيار ڪيو ويو هو جنهن جو آفتن جي سماجي و اقتصادي اثرن کي گهٽ ڪرڻ ۽ مضبوط آفتي انتظام ڪاري جي طريقيڪار جي تعمير ڪرڻ لاءِ طويل مدتي مقصد بمقابله آفتي انتظام ڪاري آهي. صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA)، سنڌ هڪ گذريل ڏهاڪي ۾ نه صرف هڪ ردعمل جي وڏيڪ سرگرم انداز طرفان هڪ مثالي تبديلي جي وڪالت ڪئي آهي، ان کي ادارتي ترڪيب و ترتيب ۽ تيار ڪيل پاليسين ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي حڪمت عملين کي آفت جي قومي انتظامي اختياري (NDMA) جي رهنمائي هيٺ ۾ آفت جي قومي انتظامي اختياري (NDMA) جي قومي حڪمت عملين سان صوبائي سطح تي منسلڪ ڪيو ويو

آهي. سنڌ حڪومت پائيدار اقتصادي واڌ ويجهه جي حاصلات لاءِ اهم توجه مرڪوز جي حصي طور آفتي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) ۽ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) کي نمايان رکڻ لاءِ جاري رکي ٿي.

گذريل ٻن ڏهاڪن دوران صوبي ۾ آفتي واقعن جي وڌندڙ تعداد ۽ شدت جي ڪري اهو تيزي سان واضع ٿي ويو آهي ته انهن سمورن واقعن تي هنگامي حالتن طور وڌيڪ غور نه ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ اهي تمام قابلِ پيشنگوئي آهن. ان ڪان علاوه، تجربي کي واضع طور ظاهر ويو آهي ته گهڻو ڪري هڪ هنگامي حالت ۾ رٿيل"واحد – وزن" دست اندازي انهن سمورن مسئلن جا مستقل حل سِرجڻ ۾ ناڪام ويو آهي. هي وڌندڙ خطرن جي فهرست کان صورتحال پيچيده آهي جن مان ڪجھ موسمياتي تبدلي تي سڌي يا اڻ سڌي طرح اثر ٿيا آهن. اهڙي طرح هڪ جامع حڪمت عملي جي غير موجودگي دير سان موٽ ملڻ جو نتيجو آهي ان کان علاوه وڏي پيماني تي سماجي و اقتصادي ۽ ماحولياتي نقصان آفتن کان اُسريا آهن. اهو تسليم ڪيو ويو آهي ته اهي سمورا اثر نمايان طور تي گهٽ ٿي سگهيا پئي جيڪڏهن هڪ فعال حڪمت عملي تيار ۽ درآمد ڪرايل هجي ها. هر سطحن تي ترقياتي رٿابندي ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) کي مرڪزي ڌارا ڪرڻ جي ضرورت يا ٻين لفظن ۾، ترقياتي منصوبي سازي جي عمل جي حصي طور هن صورتحال آفتن جو حساب وٺڻ لاءِ رکو هڪ هنگامي ردعمل کان ذهنيت تبديل ڪرڻ جي ضرورت کي جنميو آهي.

ان حد تائين جو، آفت جي صوبائي انتظامي اختياري (PDMA)، سنڌ اقوامِ متحد جي نظام جي ايجينسين کان، ڊونر برادري کان ۽ سول سوسائٽي تنظيمن کان انهن جي ترقياتي منصوبي سازي ۽ منصوبن ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) مرڪزي ڌارا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مدد حاصل ڪئي آهي. آفت جي صوبائي انتظامي اختياري (PDMA) سنڌ، آفت جي قومي انتظامي اختياري (NDMA) ۽ آفتي انتظام ڪاري جي قومي اداري (NIDM) جي تعاون سان سنڌ ۾ سرڪاري عملدارن لاءِ صلاحيتن جي تعمير لاءِ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيا آهن. ان کان علاوه آفت جي صوبائي انتظامي اختياري (PDMA) سنڌ، مالٽيسر انٽرنيشنل جي سهڪار سان هن شعبي تي ڪم ڪندڙن لاءِ ٻنهي ٻولين انگريزي ۽ مقامي ٻولي سنڌي ۾ هڪ رهنما ڪتابچو ترتيب ڏيڻ جو ارادو ڪيو. هن شعبي تي ڪم ڪندڙن لاءِ سمجهڻ لاءِ هي آسان ڪتابچو صوبي سنڌ ۾ ريسائلنس جي ثقافت پيدا ڪرڻ ۾ يقيني طور پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪندو.

## بنيادي تصور/وصفون

پاڪستان ۾ پنهنجو ذاتي گهر تعمير ڪرڻ هڪ انتهائي مشڪل ڪم آهي جيئن ڪمائڻ ۽ پئسا بچائڻ لاءِ سالن جي ضرورت هوندي آهي ۽ سالن جون ڪوششون گهربل هونديون آهن. ڪوئي سوچڻ شروع ڪري ٿو ته ڪا عمارت ڪنهن جو ذاتي گهر هوندي، هو/هوءَ سوچڻ شروع ڪري ڇڏيندي آهي ۽ هڪ طويل سوالن جي فهرست سندس ذهن ۾ اُڀري ٿي جيئن:

- زمين جو ٽڪرو جيڪو هو چونڊڻ وڃي رهيو آهي سو محفوظ جڳهه تي آهي، ڇا اها ڪنهن به خطري کان محفوظ آهي، ڇا اها لهواري جڳهه تي ته ناهي، زمين جي روڪٿام جي صلاحيت ڪافي بهتر آهي، ڇا اها ڪنهن به پاڻيءَ جي نيڪال واري موريءَ يا ڪنهن موسمي ناليءَ جي وهڪري وغيره کان محفوظ آهي ۽ نيٺ مختلف جزن تي غور ڪانپوءِ جڳهه جي چونڊ کي حتمي شڪل ڏجي ٿي.
- هو گهر جو نقشو ناهڻ شروع ڪري ٿو ۽ ڪيترن ئي جزن تي غور ڪري ٿو جيئن هوا جو رخ، سج جي روشني، هوا جو گذر ۽ حفاظت ۽ تحفظ جا مسئلا وغيره. پنهنجي ذاتي گهر جي نقشي لاءِ هو سڀني ضروري جزن بنيادي طور تي پائيداري جي نقطه نظر جي حوالي سان غور ڪري ٿو.

- جڏهن هي اڏاوت جو ڪم شروع ڪري ٿو، هو صحيح مٽيريل، سيمنٽ ۽ ريتي جو صحيح تناسب، بجلي جي وائرنگ جو مناسب استعمال ۽ بهتر نڪاسي وغيره جو خيال ڪري ٿو

ذاتي سهولت جي اڏاوت دوران انهن سمورن سوالن جو اڀرڻ، توهان جي سوچ جي تبديلي ۽ اهي سمورا خطري جا باشعور خيالن کي عام طور تي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جو مرڪزي ڌارا چيو ويندو آهي. ساڳي طرح خطري جي شعوري غور و فڪر ۽ اهڙن جزن تي توجه ڏيڻ تمام گهڻو ضروري آهي جڏهن اسان عوامي ترقياتي منصوبن تي ڪم ڪري رهيا هوندا آهيون جيئن صحت جي سهولتن، تعليم جي سهولتن ۽ ڪنهن بہ بنيادي ڍانچي جي تعمير ڪرڻ.

وڌيڪ ۾ فني طور آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا جو موضوع ۽ ترقياتي منصوبي سازي ۾ گڏيل آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي اهميت سمجهڻ لاءِ، اهو ضروري آهي ته ساٿي ادارن کي پهريان خود کي بنيادي تصورن ۽ هن شعبي ۾ استعمال ٿيل اصطلاحن سان سڃاڻڻ گهرجي. اقوامِ متحده جي عالمي آفت جي خطري کي گهٽائڻ لاءِ حڪمت عملي (UNISDR) طرفان تخليق ڪيل ڪجھ معياري وصفون هيٺ ڏنل آهن:

## قابلِ قبول خطرو

ڪنهن ڪميونٽي يا معاشري جي نقصان جي سطح اهو تصور ڪري ٿي ته انهيءَ سان گڏ رهي سگهجي ٿو ۽ جنهن جي لاءِ ان کي گهٽائڻ ۾ رنڊڪ وجهڻ جي ضرورت ناهي.

## حياتياتي خطرو

حياتياتي جيت، جراثيم، زهريلا مادا، ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ جيوڙا، جيڪي زخمي يا زندگي جي نقصان، مالي نقصان، سماجي و اقتصادي ڏار يا ماحولياتي آلودگي جو سبب ٿي سگهن ٿا.

## صلاحيت

ڪميونٽي، معاشري ۽ تنظيم اندر موجود تمام وسيلن ۽ طاقتن جو مجموعو جيڪو خطري جي سطح يا آفت جي اثرن کي گهٽائي سگهي ٿو. صلاحيت جسماني، ادارتي، سماجي ذريعن سان گڏوگڏ ڪنهن ڪاتي جو هنرمند عملو يا گڏيل لاڳاپو جيئن قيادت ۽ انتظاميہ سميت ٿي سگهي ٿي. صلاحيت قابليت جي طور تي پڻ بيان ڪري سگهجي ٿي.

## صلاحيت جي تعمير

خطري جي سطح گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو مقصد تنظيم يا ڪميونٽي جي اندر انساني مهارتون يا معاشرتي بنيادي ڍانچو تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. وڌيڪ ان جي سمجھ ۾ توسيع ڪندي، معاشري جي مختلف سطحن تي صلاحيت جي تعمير ادارتي، مالي، سياسي ۽ ٻين وسيلن جي ترقي ۾ شمار ٿئي ٿو.

## موسمياتي تبديلي

ڪنهن جڳهہ يا علائقي جي آب و هوا بدليل هوندي آهي جيڪڏهن هڪ وسيع مدت کان مٿي (عام طور تي ڪئي ڏهاڪن يا ان کان بہ وڌيڪ) هتي يا تہ ان علائقي لاءِ گرمي پد جي ماپ طور يا موسم جي بدلجندڙ حالت تي هڪ انگن اکرن تي مشتمل تبديلي آهي.

## صلاحيت جي سنڀال

ان جو مقصد آهي جيڪي ماڻهو يا تنظيمون آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ موجود وسيلا يا صلاحيتون استعمال ڪن ٿيون عام طور تي، هي وسيلن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ بنهي معمول مطابق گهڙين ۾ ۽ ان سان گڏوگڏ بحران يا نقصان پهچائڻ وارين حالتن ۾ شامل ڪن ٿيون.

## آفت

هڪ ڪميونٽي يا معاشري ۾ هڪ سنجيده خلل انساني، ساز و سامان، اقتصادي يا ماحولياتي نقصان پري پريتائين ڦهلجڻ جو سبب بڻجي ٿو جيڪو متاثر ٿيل ڪميونٽي يا معاشري کي ان جي ذاتي وسيلن آهر منهن ڏيڻ لاءِ صلاحيت وڌائي ٿي. اهو ڪمزورين جي حالتن، خطري جا اثرائتا منفي جزا گهٽائڻ جي اڻپوري صلاحيت ۽ خطرن جو مجموعو آهي

## آفتي خطري جي انتظام ڪاري (DRM)

هڪ آفت جي نقصان پهچائيندڙ اثرن کي گهٽائڻ جو جامع نقطه نظر، آفتي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) آفتن کان پهرين، دوران ۽ پوءِ کنيل سمورن قدمن جو گهيرو ڪري ٿي. اهو گهٽتائي، تياري، هنگامي ردعمل، بحالي، سگهائي ۽ نئين سر اڏاوت جي سرگرمين تي شامل ڪري ٿو.

## آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) / آفت گهٽائڻ

مقدار جو مقصد بچڻ (روڪ) يا محدود ڪرڻ (تياري ۽ ڪمي) ۾ پائيدار ترقيءَ جي وسيع پسمنظر ۾ خطرن جا نقصان پهچائيندڙ اثر سڄي معاشري ۾ ڪمزورين ۽ آفتي خطري کي گهٽائڻ آهي.

## اڳواٽ چتاءُ ڏيڻ

انفرادي طور ۽ ڪميونٽي کان شناخت ڪيل ادارن لاءِ معلومات جو موثر ۽ وقتائتو بندوبست ڪجي ته جئين اهي موثر ردعمل تيار ڪرڻ لاءِ ۽ انهن خطرن کي گهٽائڻ لاءِ قدم کڻي سگهن.

## هنگامي انتظام ڪاري

هنگامي حالتن خاص طور تي اڳواٽ تياري، بحالي ۽ رد عمل جي تمام پهلوئن سان معاملا طح ڪرڻ لاءِ انتظاميه ۽ وسيلن جي پرتي

## اڳڪٿي

هڪ مستقبل جي واقعي جي موجودگي جو ڪاٿو لڳايو (UNESCO, WMO). اصطلاح مختلف ضابطن ۾ مختلف معنيٰ سان استعمال ڪئي وئي آهي.

## خطرو

ممڪنه طور نقصان پهچائيندڙ جسماني واقعو يا عجيب ڏيک جيڪو مالي نقصان، سماجي و اقتصادي خلل يا ماحولياتي آلودگي ۽ زندگي کي نقصان پهچائي سگهي ٿو. خطرا قدرتي (ارضياتي، هائڊرو موسميات ۽ حياتياتي) ٿي سگهن ٿا يا انساني عملن طرفان (ماحولياتي آلودگي ۽ فني طور خطرا) هرڪايل ٿي سگهن ٿا. خطرا پنهنجي اصل ۽ اثرن ۾ واحد، جامع يا ترتيبوار ٿي سگهن ٿا. هر خطري جي هنڌ، شدت، ڪثرت ۽ امڪان کان پنهنجي خاصيت بيان ڪيل آهي.

## ارضياتي خطرو

قدرتي زمين جا عمل جيڪي مالي نقصان، سماجي و اقتصادي خلل يا ماحولياتي آلودگي، زخمي يا زندگي کي نقصان جو سبب بڻجي سگهن ٿا. مثال طور زلزلا، سونامي طوفان، آتش بازي جي سرگرمي ۽ نيڪاليون، مٽي جو چيون ڪرڻ، ٽڪرين جو چيون ڪرڻ، ٽڪريون ڪرڻ، جبل تان مٽي يا برف جو چيون ڪرڻ، پڪڙيل زمينون، پٿرن، مٿاچري حصن جو ڊهڻ ۽ زنبوڻن جو ڍير يا مٽي جو وهڪرا.

## خطري جو تجزيو

ڪنهن به خطري جي نگراني، مطالعا ۽ نشاندهي جي صلاحيت، اصل، خصوصيت ۽ رويي جو تعين ڪرڻ

## زمين استعمال ڪرڻ جي رٿابندي

سماجي و اقتصادي ۽ جسماني رٿابندي واري شاخ جيڪا ڪيل فيصلن مان ملندڙ نتيجن جي لحاظ کان ڪميونٽي جا مفاد يا آبادي جي مختلف طبقن تي پوندڙ اثرن جي مطابق مختلف اختيارين جي حدن يا قدرن جي جائزي ۽ وسلين جو تعين ڪري ٿي جنهن جي لاءِ زمين جو استعمال ڪيو ويو آهي. زمين استعمال ڪرڻ جي رٿابندي خطري ۾ گهيريل علائقن ۾ اهم تعميري ڍانچن جي اڏاوت، آبادي جي ڦهلاءُ ۽ واڌاري تي ضابطو آڻڻ ۽ ڳتيل وستين جي حوصلا شڪني ڪرڻ سان خطرا ۽ آفتون گهٽائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. بناوٽي ۽ اڻ بناوٽي قدرتي خطرن ۾ ڪمي ڪرڻ سان ماحولياتي آلودگي ۽ فني خطرن جي منفي اثر کي محدود ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

## قدرتي خطرا

ڌرتي تي واقع ٿيندڙ حيرت انگيز يا قدرتي عمل جيڪو نقصانده واقعي کي تشڪيل ڏئي سگهي ٿو. قدرتي خطرن جي اصل نالي کان درجي بندي ڪري سگهجي ٿي: ارضياتي، هائڊرو موسميات يا حياتياتي. خطرناڪ واقعن جي مقدار يا شدت، ڪثرت، مدت، حملي جي رفتار، جاغرافيائي ڦهلاءُ ۽ دنيوي وقفي ڪاري ۾ فرق ٿي سگهي ٿو.

## اڳواٽ تياري

خطرن جي اثرن لاءِ موثر ۽ بروقت اڳواٽ چتاءُ ڏيڻ ۽ نقصانده هنڌن کان ملڪيت ۽ ماڻهن جي رهائشي خطري واري هنڌ کي عارضي طور خالي ڪرائڻ سميت اڳواٽ کنيل قدمن ۽ سرگرمين جي موثر ردعمل کي يقيني بنائڻ

## روڪٿام

خطرن جي منفي اثرن جي مڪمل نجات جي سرگرمين کي يقيني بنائڻ

## عوامي آگاهي

عام آبادي کي آگاهه ڪرڻ جا عمل، خطري بابت وتندڙ شعوري سطح ۽ ماڻهو ڪيئن خطرن سان پنهنجو اظهار گهٽ ڪري سگهن ٿا. هي خاص طور تي ڪنهن آفتي واقعي ۾ جان و مال بچائڻ ۾ عوامي نمائندن لاءِ پنهنجون مڪمل ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهم آهي.

## بحالي

هڪ آفت ڪانپوءِ بحالي لاءِ هڪ نقطه نظر يا متاثرشده ڪميونٽي جي آفت کان پهريان رهڻ وارين حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪنيل قدم ۽ فيصلا، آفت جي خطري کي گهٽائڻ لاءِ ضروري ترتيبن لاءِ حوصلا افزائي ۽ سهنجائي ڪرڻ.

## امداد / ردعمل

ڪنهن آفت جي دوران يا فوري طور ڪانپوءِ انهن سمورن متاثر ٿيل ماڻهن جون بنيادي گذران جون ضرورتون ۽ زندگي جو تحفظ پورو ڪرڻ لاءِ امداد جي فراهمي جيڪا هڪ فوري طور، مختصر مدت يا طويل مدت جي ٿي سگهي ٿي.

## لچڪ / لچڪدار

ڪم ڪار جي هڪ قابلِ قبول سطح کي برقرار رکڻ لاءِ تبديل يا ان کي روڪيندي ڪنهن ڪميونٽي، معاشري يا تنظيم جي صلاحيت کي ممڪنه طور تي خطرن کي بينقاب ڪرڻ لاءِ اپنائڻ، خطرن کي گهٽائڻ وارن لچڪي قدمن کي بهتر ڪرڻ ۽ بهتر مسقبل جي تحفظ لاءِ ماضي جي حالتن مان سکي سگهجي ٿو.

## نئين سر تياري ڪرڻ (يا مٿيئن درجي ۾ آڻڻ)

موجوده ڍانچن ۽ عمارتن جي لوهه جي جڙائي وڌيڪ مزاحمتي ٿيڻ ۽ قدرتي خطرن جي طاقتن کي لچڪدار ڪرڻ

## خطرو

نقصانن جا امڪان (موت، زخمي،ملڪيت، ذريعه روزگار، الجهيل اقتصادي سرگرمي يا ماحولياتي ٿيل نقصان) خطرن ۽ قابلِ ضرورت سماجي حالتن جي وچ ۾ باهمي رابطي کان نتيجي طور اچن ٿا. خطري کي خطرو X خطرا برابر ڪمزوري. ڪجهه ماهر ڪمزوري جي جسماني پهلوئن ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ نمائش جي تصور کي شامل ڪن ٿا.

## خطري جو جائزو / تجزيو

موجوده ڪمزوري جو اندازو ۽ امڪاني خطرن جي تجزيي سان (جيڪو ماڻهو، ملڪيت، ذريعه روزگار ۽ ماحول لاءِ هڪ سگهارو خطرو بنجي سگهي ٿو) خطري جي حد ۽ نوعيت جي طريقيڪار جو تعين ڪرڻ

## بناوتي / غير بناوتي ماپا

انجنيئرنگ ماپا، خطري جي روڪٿام جي تعمير ۽ حفاظتي ڍانچن ۽ تعميري ڍانچي سميت ممڪن خطرن جي اثرن کان بچڻ يا گهٽائڻ لاءِ بناوتي ماپا ڪنهن جسماني تعمير ڏانهن رجوع ڪن ٿا. اڻ بناوتي ماپا متعلقه اثرن ۽ خطرن کي گهٽ ڪري سگهن ٿا جيڪي شراڪتي طريقيڪار ۽ معلومات جي آگاهي سميت پاليسين، آگاهي، ڄاڻ جي تياري، عوامي سپردگي ۽ مشقن تي عمل ڪرائڻ ۽ طريقن ڏانهن رجوع ڪن ٿا.

## پائيدار ترقيءَ

پنهنجون ذاتي ضرورتن جي اميد رکندڙ مستقبل جي نسلن جي صلاحيت جي رضانامي کان بغير ترقيءَ موجود ضرورتن کي پورو ڪري ٿي. اها ٻن اهم تصورن تي مشتمل آهي: "ضرورتن" جو تصور، خاص طور تي موجوده ۽ مستقبل جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ماحول جي صلاحيت تي سماجي تنظيم ۽ علمِ فن جي صورتحال کان دنيا جي غريب جون لازم ضرورتون، جنهن ۾ مٿان مڙهيل حدن جو خيال ۽ رد ڪيل ترجيح ڏني وڃي. ( Brundtland Commission, 1987)

## علمِ و فن جا خطرا

خطرو علمِ و فن يا صنعتي حادثا بنيادي ڍانچي جي ناڪامين يا ڪجھ انساني سرگرمين کان شروع ٿيندا آهن جيڪي مالي نقصان، سماجي و اقتصادي خلل يا ماحولياتي آلودگي، زخمي ٿيڻ يا زندگي کي نقصان ڏيڻ جو سبب بنجي سگهن ٿا. ڪجھ مثالون: صنعتي آلودگي، تابڪاري ۽ ايٽمي سرگرميون، ذهريلي پاڻي جي نيڪالي، ڊيم جون ناڪاميون، ٽرانسپورٽ، ڌماڪا، پاڻياٺ، باهيون.

## ڪمزوري

ڪنهن ڪميونٽي يا معاشري جي خطري جي اثرن جي اثر پذيري وڌائيندي جنهن ۾ جسماني، سماجي، اقتصادي ۽ ماحولياتي عمل يا جزن جي حالتن جو تعين ڪرڻ آهي.

## جهنگلي زمين جي باھ

دکندڙ وسيلن کان بي فڪر وڻ ٽڻ / نشود نما جي علائقي ۾ نقصانن يا فائدن لاءِ باھ جو لڳڻ

## ترقياتي رٿابندي ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڏارا مان ڇا مراد آهي؟

ضلعي سطح جي مختلف لاڳاپيل سرڪاري شعبن جهڙوڪ صحت، تعليمي، زراعت، ورڪس ۽ سروسز، عوامي صحت جي انجنيئرنگ وارو شعبو، ماحولياتي انتظام ڪاري، ڳوٺاڻي ترقيءَ، رهائشي جاين تي ڪم ڪندڙ شعبا وغيره لاءِ ضلع سطح جي سمورن اهم شعبن لاءِ ننڍي يا وسيع سطح تائين پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪندي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. سچي ضلعي سطحي کي خطري کان شعوري آگاهي ڏيڻ ۽ پائيدار ترقي لاءِ اهو ضروري آهي ته اهي سمورا لاڳاپيل شعبا پنهنجي رٿابندي، عمل درآمد ڪرائڻ ۽ نظام جي اندر آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) واري عنصر کي ضرور شامل ڪن ته جيئن ضلع سطح جي لاڳاپيل شعبن جي ننڍي يا وسيع سطح کان ايندڙ آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مقدار جي گهٽتائي جي نظريي کي ضلع سطح جي سمورن لاڳاپيل شعبن ۾ شامل ڪري سگهجي.

آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا کي سمجهڻ لاءِ هيٺين ٻن اهم نقطن ۾ خلاصو ڪري سگهجي ٿو:

- روڪٿام يا گهٽتائي ۽ اڳواٽ تياري جي ذريعي آفتي خطرا ۽ ڪمزورين کي اقليت ۾ آڻڻ کي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) چئبو آهي. جڏهن آفتي خطري کي گهٽائڻ کي روز مره جي ترقياتي مشقن ۽ مڪمل اداري سازي اندر پورجي ٿو، ان کي آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڏارا طور پڻ ڄاتو ويندو آهي.
- ترقياتي پاليسي، پروگرام، منصوبي ۽ مشق اندر مڪمل طور آفتي خطري کي گهٽائڻ ۾ شامل ڪرڻ جو هڪ منظم عمل.

## آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڏارا جا مقصد

ضلع سطح تي لاڳاپيل مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري نمائندن کي مرڪزي ڏارا جي مقصدن تي پروڙ ۽ سمجهه هئڻ گهرجي:

- موجوده خطرن کي گهٽائڻ جتي مستقبل ۾ درپيش اثر کي گهٽائڻ ممڪن آهي
- خاطري ڪريو ته ترقي خطري کي گڏ نه پئي ڪٽي هلي / نئين خطري کي نه پئي جنمي
- انفرادي منصوبي جي پائيداري کي يقيني بنائڻ اهڙي طرح منصوبي جي سيڙپ جو تحفظ ڪيو پيو وڃي

## آفتي خطري کي گهٽائڻ جو مرڪزي ڏارا ڇو؟

پاڪستان هڪ کان وڌيڪ خطرن جو شڪار ٿيو آهي ۽ اهم آفتون جان ۽ مال جي نقصانن جو سبب بڻيون آهن. قدرتي آفتن صدمن سان پائيدار معيشت جي واڌ ويجهه کي هراسان ڪيو. اڻرٿيل ترقي نون خطرن کي پيدا ڪيو ۽ موجود ڪمزورين ۾ شرڪت ڪئي. وڌندڙ غربت سان صنعتي سرگرمين ۽ ننڍن ڪاروبارن کي ٽوڙڻ، اقتصادي سرگرمي لاءِ اهم تعميري ڍانچا ۽ حياتيون ڪمزور ڪرڻ، ۽ خدمتن جي فراهمي معاشري جي معيشت جي قوت کي گهٽ ڪري ٿي. زخمي، فوتگين ۽ طويل مدتي صدمن مان گذرندڙ فردن جي نتيجن ۾ آفتون انساني سرمايي کي گهٽ ڪن ٿيون. آفتن جي وقت، مخصوص وسيلن جي ڪري حڪومتن کي پنهنجي توجه ترقيءَ مان امداد ۽ بحالي ڏانهن منتقل ڪرڻي پوندي آهي جيڪي وڌيڪ ترقيءَ ۾ رنڊڪ پيدا ڪري ٿي.

ويجهن آفتن جي خطرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سموريون موجوده ترقيءَ جي سرگرمين کي نئين سر شروع ڪرڻ ضروري آهي. اهڙين سيڙپڪارين مان فائدو ٺيڻ کان گهٽ شامل اضافي لاڳتون هميشه ڏور ٿي وينديون.

ترقيءَ ۾ آفتون مثبت ۽ منفي اثرن جي حوالي سان هڪٻئي سان سلهاڙيل آهن. ڏينڌڙ ترقيءَ جي سطح تي منحصرآفتون ترقيءَ کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون ۽ طويل مدتي ترقياتي ڪوشش جون ڪاميابيون ڪن پل ۾ غائب ٿي سگهن ٿيون. آفتن خلاف احتياطي قدم هميشه انتهائي موثر رهيا آهن. ساڳي وقت، اها ڪمزورين کي گهٽائڻ لاءِ هڪ منفرد موقعي جو طور پڻ وٺي سگهجي ٿو.جيئن ڪ، پائيدار ترقيءَ جي مقصدن (SDGs) کي حاصل ڪرڻ اهم آزمائشن مان هڪ قدرتي آفتون اٿي بيهن ٿيون. تنهنڪري، آفتي خطري کي گهٽائڻ ۽ ترقي جي سرگرمي ساڳي سڪي جي ٻنهي پاسن جي نمائندگي ڪن ٿا جنهن کي هم آهنگي سان منهن ڏيڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته قدرتي آفتن جي واقع ٿيڻ کي نٿو روڪي سگهجي، آفتن جو برو چڪر ۽ ترقيءَ جي سرگرمين ۾ ان جي اثر کي ڦيرائي سگهجي ٿو. ترقيءَ جي عمل ۾ آفتي خطري جي گهٽتائي تي توجه جي کوٽ نئين سر اڏاوت جي اضافي خرچن جي سهپ کي هٽي ملي ٿي جيڪا غير مستحڪم ترقيءَ لاءِ دائمي حالتن ۽ امداد ۽ ردعمل ۾اصولي طور طح ڪيل ترقيءَ لاءِ مختصر وسيلا هٽائي ٿي،

ايڪشن لاءِ هيوگو فريم ورڪ (HFA)، تازو ئي ايڪشن جو سينڊائي فريم ورڪ (SFA) جي طور سڏيو وڃي ٿو جنهن لاءِ پاڪستان هڪ دستخطي آهي ۽ جنهن کي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا کان بنيادي طور رهنمائي ڪئي وئي آهي. آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) لاءِ ايڪشن جو سينڊائي فريم ورڪ (SFA)، هڪ رضاڪارانه معاهدو جنهن ۾ عمل لاءِ ست هدف ۽ چار ترجيحون شامل آهن (30 - 2015) ۽ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) لاءِ هڪ جامع ۽ منظم نقطه نظر سڏجي ٿو. آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي عالمي سطح تي شناخت ۽ موسمياتي تبديلي جي مطابقت دير به دير 1990 کانپوءِ ترقي اندر ايجنڊائن جو اضافو ٿي چڪو آهي. ايڪشن لاءِ هيوگو فريم ورڪ (HFA) 2005 ۾ ٺاهيو ويو هو جيڪو بين الاقوامي سطح تي آفتي خطري کي گهٽائڻ متعلق هم آهنگ ڪم جي طرفان عالمي ڪوشش لاءِ نقطه انقلاب هو. اهو ڪنهن به سطح تي آفت جي انتظام ڪاري ۽ ترقياتي پروگرامن اندر گڏيل آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) ۽ CCA لاءِ رٿابندي ۾ مفيد آلي جي حوالي طور آهي. اهو خطري گهٽائڻ جي عملن کي وڏيڪ ترجيح ڏيڻ لاءِ ترقياتي ساٿي ادارن ۽ حڪومتن تي زور ڏئي ٿو. 2005 ۾ ان جي ابتدا ٿائين، هيوگو فريم ورڪ (HFA) حڪومتن ۽ حڪمت عملي وارين ساٿي ادارن جهڙوڪ سول سوسائٽي تنظيمون آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي عمل ۾ پيش رفتي لاءِ هڪ اهم رهنمائي ڪندڙ اوزار رهي چڪو آهي.

انهيءَ ڪري اهو فائديمند آهي ته آفتي خطري کي گهٽائڻ تي ڪم ڪندڙ ۽ ساٿي ادارا مختلف سطحن، سڀ کان وڌيڪ خاص طور تي ڪميونٽي ۽ ضلع سطح تي آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي قدمن تي عمل درآمد ۽ رٿابندي ۾ موثر ثابت ڪرڻ جي ترتيب ۾هيوگو فريم ورڪ (HFA) ۽ ايڪشن جو سينڊائي فريم ورڪ (SFA) کي چڱي طرح سمجهن ٿا.

## موقعا

ترقياتي رٿابندي ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي موقعن جا هيٺيان فائدا آهن:

1. اهو زمين استعمال ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪري ٿي ته جيئن وڏي پيماني تي منصوبا شروع ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ ضروري ڪمي وارن ڪمن جي عمل درآمد ۽ نجي شعبن جي رهنمائي ڪري سگهجي.
2. ترقي ۾ ان جي هڪ وڌيڪ جامع تجزيي مان خطري جي اثر جي ڪمي مان ٻاهر وڃي ٿو ۽ ترقي جي پڪيڙ جي متبادل طور آفتي خطري گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا آفتن جي مسئلن ڏانهن توجه ڏياري ٿو.
3. اهو مقامي سطح تي ترجيحي موجود وسيلن جي ترقياتي رٿابندي ۾ ۽ ورڇ جي فيصلي سازي ۾ مدد ڪري ٿو

4. اهو هڪڙي ٺوڪري ۾ سڀني ساٿي ادارن کي منصوبن ۾ نقل کي گهٽ ڪندي پنهجي طرف ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ محفوظ رستي تي رکي ٿو
5. اهو آفت کي بهتر موٽ ڏيڻ لاءِ مدد ڪري ٿو
6. اڳواٽ رٿابندي ۾ مناسب ترقيءَ جي حڪمت عملين جي عمل درآمد نمايان طور امداد، نئين سر تعمير، آباد ڪاري ۽ واهر ڪرڻ جي محنت ۾ لاڳت کي گهٽ ڪري سگهي ٿو
7. اهو قومي ۾ بين الاقوامي هدف ۾ مقصد جهڙوڪ پائيدار ترقيءَ جا هدف (SDGs) غربت گهٽائڻ، ماحولياتي پائيداري وڌائڻ وغيره پورو ڪرڻ لاءِ مدد ڪري ٿو
8. اهو خطري جي حساسيت کي زمين استعمال ڪرڻ جي رٿابندي، زميني گره بندي ۽ زميني ترقيءَ؛ ڄڃهي عمارت جي عمل درآمد؛ بلديه آفيسرن، انجنيئرن، ٺيڪيدارن، رازن جي صلاحيت جي تعمير؛ فيلڊ جي نگراني جي صحتمند ۽ مضبوط نظام؛ سماجي تحريڪ جي ذريعي آفتي خطري کي گهٽائڻ ۾ ماڻهن لاءِ شعور پيدا ڪرڻ ۾ وڌائي ٿو.
9. ڪاليج، اسڪولن ۽ بين تعليمي ادارن کي شامل ڪري ٿو، حڪومتي ادارن، غير سرڪاري ادارن، موثر سهڪاري طريقيڪار سان نجي شعبن کي شامل ڪري ٿو.

## مرڪزي ڌارا ڪيئن ڪجي؟

پاڪستان آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي قومي پاليسي، قانون، قاعدا ۽ آفت جي خطري جي انتظام ڪاري جا منصوبا ناهيا آهن پر انهن جي عملن تي گهٽ توجه ڏني جيڪي انهن کي پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻين ٿا. بين لفظن ۾، هميشه آفت جي خطري گهٽائڻ ۾ واعدن ۾ پڇڙي جي ڪري توجه نه ڏني وئي آهي. مرڪزي ڌارا لاءِ پوري نظام ۾ تبديلي جي ضرورت آهي ۽ ان لاءِ سياسي سپردگيءَ، مائل ڪرڻ ۾ مالي مدد ضروري آهي. اسان کي هن رهنما ڪتابچي جي سمورن عام ۽ سرسري قدمن جيڪي مقامي سطح تي شعبي واز گهرجون ۽ ترقياتي رٿابندي اندر آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي راه ڏانهن هٿي وٺرائڻ ٿا انهن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

هتي آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي درج ٿيل نقطن تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾ هڪ بنيادي اصولن جو خلاصو ڏنل آهي. موجوده ترقياتي پاليسي ۽ مسق ۾ خطري کي پُورڻ لاءِ مرڪزي ڌارا ملڪ ۾ هليل ۽ سڄي ملڪ ۾ عمل يافته هئڻ گهرجي. ان جو مقصد لچڪدار طريقي سان قومي، صوبائي ۽ مقامي ڏيک ۾ ۽ ضرورتن تي توجه ڏيڻ آهي.

مرڪزي ڌارا هڪ مڪمل، طويل عرصي ۽ هلندڙ عمل آهي جنهن جو مقصد ته خطرا ۽ حالتون مسلسل تبديل ٿيندڀون رهيون آهن. آفت جي خطري کي گهٽائڻ غور طلب ڪمن جي ايجنڊا ۽ فيصلا سازي جو مرڪز هئڻ گهرجي. آفت جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) کي اضافي موضوع جي طور تي نه هلايو وڃي پر اهو پاليسي ۽ عمل واري تبديلي واري طريقيڪار جو حصو هئڻ گهرجي. مرڪزي ڌارا وڏي پئماني تي قبول ٿيل اصولن جهڙوڪ انصاف عدل ۽ داخلا، شموليت، رد عمل، شافايت، جوابداري، موثر ۽ ڪارڪردگيءَ جي پيروي ڪري ٿو. مرڪزي ڌارا جي عمل ۾ صنف ۽ سماجي پکيڙ تي ضرور غور ڪرڻ گهرجي. وسيع حد تائين ساٿي ادارن جي شموليت ۽ انهن جو ڪردار ۽ ذميواريون ضرور مرڪزي ڌارا جو حصو ٿيڻ گهرجن.

ترقياتي رٿابندي جي عمل ۾ آفت جي خطري کي گهٽائڻ کي مرڪزي ڌارا ڪرڻ لاءِ ڪو به مخصوص اصول موجود نه آهي. اها ملڪي ترجيحن ۽ حدن تي دارومدار رکي ٿي. مرڪزي ڌارا لاءِ ڪو به شروعاتي نقطو ۽ داخل ڪرڻ جا نقطا بهترين ممڪن مجموعي جا ترجيحي داخلي نقطن ۽ حدن تي دارومدار هوندو جيڪو ڪنهن مخصوص ملڪ جي رٿيل

نتيجي کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪندو، اُهو موجود نه آهي.  وڏيڪ صورتن ۾، هڪ ئي وقت لاتعداد داخلي نقطن تي ڪم ڪرڻ ضروري هوندو.

داخلي نقطا ٻين پاڳن سان ڪارڪردگيءَ ناهڻ يا پنهنجي هڪ ٻئي تي آڌاريل قدم جماءڻ ۾ مدد ڪرڻ سان منسلڪ آهن. هڪ ٻئي سان هڪ ڪامياب قيادت سان داخلي نقطا هڪ متحرڪ انداز ۾ ڪم ڪن ٿا. آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا دوران هيئين ترقي ۾ داخلي نقطن جي آساني لاءِ اهم سهولت هوندي؛

## آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا تي چاڙهڻ

مرڪزي ڌارا جي موضوع تي واضع پروڙ جي طرف ابتدائي قدم آهي.

- پهريون قدم اهو آهي ته صوبي سنڌ جي هر ضلع ۾ لاڳاپيل شعبن جي سمورن حڪومتي نمائندن کي پنهنجي متعلقه شعبن جي سالياني ترقياتي منصوبن اندر آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي. علائقائي ترقياتي منصوبي جي منصوبي جي تسلسل جي انتظام ڪاري اندرانهن کي ګڏيل آفتي خطري کي گهٽائڻ جي ضرورت جي ضرور شناخت ڪرڻ گهرجي. هي وسيع تر شعور اجاگر ڪرڻ واري پروگرام جي ذريعي ممڪن آهي.
- صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) سنڌ، سنڌ صوبي ۾ صوبائي ۽ ضلع سطح تي سرڪاري نمائندن جي صلاحيت جي تعمير لاءِ هڪ تفصيلي منصوبو تيار ڪندي.
- آفتي انتظام ڪاري جي قومي اداري (NIDM) جي سهڪار سان پنهنجي انسان وسيلي جي ترقياتي منصوبي جي ذريعي شعور اجاگر ڪرڻ وارو هي تربيتي پروگرام عمل درآمد ڪري سگهجي ٿو.
- صوبائي سطح جي ماسٽر تربيت ڪارن کي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي تربيت يافته ڪري سگهجي ٿو جيڪي اڳتي تربيتون وڏائي سگهن ٿا ۽ ضلع سطحي سرڪاري نمائندن ڏانهن چاڙ ۽ مهارتون منتقل ڪري سگهن ٿا.
- صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) صوبائي سطحي شعبن جي سهڪار سان لاڳاپيل شعبن جي موجوده تربيتي ادارن سان ګڏ هڪ تربيتي پروگرام متعارف ڪرائي سگهن ٿا.
- ضلعي سطحي شعبن کي خود دلچسپي وٺڻ گهرجي ۽ ٻين ساٿي ادارن جي مدد جي ذريعي پنهنجي اسٽاف لاءِ تربيتي پروگرام جو بندوبست ڪري سگهن ٿا. اهو انهن جو بنيادي خدمت جو تربيتي پروگرام جو باقائدي حصو ٿيڻ گهرجي.
- بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمون ۽ اقوامِ متحده ايجنسيون اهڙيون سرگرمين تي عمل درآمد ڪرائي رهي آهي پر اهي وڌيڪ سهڪاري ناهن. سالياني ترقياتيءَ منصوبي اندر ګڏيل آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) تي لاڳاپيل شعبن جون عملي ۽ فني مهارتون وڌائڻ لاءِ ڪوشش جي ضرورت آهي.
- مقامي اختيارين کي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي سائنسي ۽ مقامي علم جي آگاهي ضرور هئڻ گهرجي. انهن کي خطري جي جائزي ۽ خطري جي شعوري رٿابندي جي خبر هئڻ گهرجي.
- ساليانی ترقياتي رٿابندي ۾ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمون ۽ اقوام متحده جو ايجينسيون اهڙيون سرگرميون عمل درآمد ڪرائي رهي آهي پر وڌيڪ سهڪاري ڪوششون لاڳاپيل شعبن جو آفتي خطري کي گهٽائڻ کي شامل ڪرڻ تي فني و علمي مهارتن ۽ عملي ڪم وڌائڻ لاءِ گهربل نه آهن.

- مقامي اختياريون آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مقامي ۽ سائنسي ڄاڻ کان آگاهه هئڻ گهرجن. انهن کي خطري جي جائزي ۽ خطري کان شعوري آگاهي جي رٿابندي جي ڄاڻ هئڻ گهرجي.

## آفتي خطري کي گهٽائڻ جي موجوده پاليسي

صوبائي ۽ مقامي سطح تي سياسي اڳواڻن جي مالڪي، سپردگي ۽ مضبوط ادارن پاليسي ۽ قانونن جو ٺهڻ ضروري آهي. مقامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي اهي سموريون پاليسيون عالمي سطح جي پاليسين ۽ فريم ورڪ سان لاڳاپيل هئڻ گهرجن.

- هڪ دفعو هر ڪو آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي ضرورت ۽ اهميت کان آگاهه ٿي ويو آهي ته پوءِ موجود پاليسين ۽ طريقيڪارن تي نظرثاني جي ضرورت آهي.
- في الحال اسان جي رسائي مڪمل طور تي رد عمل تي مشتمل آهي ۽ اسان جي واڌ خطري جي شعوري آگاهي نه آهي. حالاڪه اسان جي موجوده مشقن کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ شعوري خطري جي آگاهي سان اڳواٽ تياري تي توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي
- هن کي موجود پاليسين ، طريقيڪارن ۽ مشقن ۾ تبديلي سان سازگار ماحول جي ضرورت آهي.
- پاڪستان جي رٿابندي واري ڪميشن خطري کان شعوري آگاهي جي چيڪ لسٽ جاري ڪئي آهي ۽ اها وڌيڪ تعميل لاءِ شعبن ۾ سرڪاري طور تي تقسيم ڪئي وئي هئي. ان ڳالهه لازمي قرار ڏنو ويو هو جيڪڏهن هي خطري کان شعوري آگاهي واري چيڪ لسٽ ان جو حصو نه هوندي ته ڪو به ترقياتي منصوبو منظور نه ڪيو ويندو.
- هاڻي اها صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) جي ذميواري آهي ته ترقياتي ۽ رٿابندي واري شعبي( Planning and Development) جي سهڪار سان عمل ڪرائڻ کي يقيني بنائي. صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) هڪ مضبوط نگراني جو طريقيڪار تيار ڪري..
- ساڳي طرح ترقياتي ۽ رٿابندي جو شعبو صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) جي سهڪار سان ان جي گڏيل آفتي خطري کي گهٽائڻ جي خاطري ڪرائڻ لاءِ جيئن PC-I, PC-II دستاويزن جون سطحون ۽ منصوبي جي انتظام ڪاري جو تسلسل جي سڀني مرحلن دوران پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي
- ان حوالي کان اهو ضروري آهي ته سڀني لاڳاپيل شعبن کي هي چيڪ لسٽ پڙهڻ ۽ پيروي جي ڄاڻ آهي
- ضلع سطح تي ضلعي ساليانو بجيٽ جي عمل جي وقت تي اها خاطري ڪرائڻ ته شعبي جي تياري/شعبي وائز ساليانو رٿابندي جي منصوبن دوران آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) کي شامل ڪيو ويو آهي، اها ترقي تي ڪم ڪندڙ پارٽي جي ذميواري آهي.

## آلن جي تياري:

- آفتي خطري کي گهٽائڻ جو مرڪزي ڌارا نسبتن هڪ نئون ۽ فني ڪم آهي
- مقامي ترقياتي رٿابندي واري عمل ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا لاءِ تربيتن کان علاوه، مهارتن جي واڌاري ۽ شعوري آگاهي، مختلف آلن کي ٺاهڻ ضروري آهي.
- PC-I جي دستاويز جي حصي طور آفتي خطري کي گهٽائڻ کي شامل ڪرڻ کي يقيني بنائڻ لاءِ رهنما ڪتابچا، زمين استعمال ڪرڻ جا منصوبا هڪ کان وڌيڪ اشارا ڏيندڙ خطري جي تياري ڪرڻ

- خطري جي جائزي جو شعبي وائز آلن تي عمل ڪرائڻ
- سائنسي طريقن جهڙوڪ GIS وغيره جي استعمال لاءِ رهنمائي
- اشارا ڏيندڙ خطري جي نقشن ڪي استعمال ڪرڻ ۽ نقشن ڪي سمجهڻ ۽ پڙهڻ لاءِ رهنمائي ڪرڻ
- ضلعي آفتن ڪي منهن ڏيڻ واري اداري DDMA جي ذميواري آهي مقامي سطح تي عمل درآمد ٿيندڙ منصوبن ۾ اڳواٽي وارو ڪردار ادا ڪري.

## بجيٽ جي ورهاست

ترقياتي منصوبي ۾ آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا لاءِ پائدار مالي لڪ پڙه يا بجيٽ جي ورهاست ضروري آهي. مالي لڪ پڙه ۽ عوامي ۽ نجي سيڙپ ڪاري کان سواءِ حقيقي پائداري جو خواب ممڪن نه آهي. مختلف پيچيدگين جي ڪري خطري جي شعوري آگاهي جي ترقي ۽ رٿابندي لاءِ بجيٽ جي ورهاست هڪ مسئلو آهي. ترجيح بنيادن تي مناسب بجيٽ جي ورهاست آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ڪري سگهي ٿي. هي ساليانى ترقياتي بجيٽ جو حصو هئڻ گهرجي.

- وڪالت ڪندڙ ۽ قومي ۽ صوبائي سطحن جي اختياريون الڳ بجيٽ جي ورهاست لاءِ، جڏهن ته هن وقت، هي باقاعده مختلف شعبن جي ساليانى ترقي جي بجيٽ جو حصو هئڻ گهرجي.
- صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) مناسب خطري جو جائزو ڪرڻ ۽ مشق شروع ڪرڻ لاءِ اهم شعبن ڪي گهٽ ۾ گهٽ شروعاتي صلاح ڏئي سگهي ٿي ۽ خطري جي جائزي جي بنياد تي مختلف شعبا منظم طريقي سان آفت جي خطري ڪي گهٽائڻ جي بجيٽ شامل ڪرڻ کان علاوه باقاعده لچڪدار ترقياتي سرگرمين ڪي يقيني بنائي سگهي ٿو.
- ان حوالي کان باقاعده ساليانى بجيٽ ۾ مخصوص آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي سرگرمين لاءِ بجيٽ جي ورهاست ڪرڻ جي طريقن تي ترقياتي ۽ رٿابندي شعبي جي مدد سان ضلعي آفت جي انتظامي اختياري (DDMA) شعبن جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو.

## ادارتي بندوبست

اربيل اسٽاف ۽ شعبن جو قيام آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي سبب لاءِ پهريان کان شرط آهي. اسٽاف جي صلاحيتي تعمير، ڪردار ۽ ذميواريون، مختلف شعبن ۾ تعاون ۽ مختلف انتظام ڪاري جي مهارتن جي موجودگيءَ مرڪزي ڌارا جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ڪري سگهي ٿي. گهٽ اربيل اسٽاف ۽ ضعلي آفت جي انتظامي اختياري جو نظام موثر نه هئڻ آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جو هڪ ٻيو اهم مسئلو آهي. ضلع سطح جي لاڳاپيل شعبن جا ڪم ۽ ذميواريون چڱي ريت بيان ڪيل آهن پر سمورو اسٽاف پنهنجي موجوده شعبي وائز فرمان ۾ پنهنجي آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي فرمان کان آگاهه هئڻ گهرجي. هي هڪ اضافي بوجھ نه آهي، جيڪڏهن منظم طريقي سان شامل ڪجي ۽ اسٽاف ڪي تربيت يافته هئڻ گهرجي. ضلع آفت جي انتظامي اختياري جي ميمبر شعبن ڪي باقاعده سهڪاري گڏجاڻيون ڪوٺائڻ گهرجن ۽ آفتي خطري ڪي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا ڪي پڙ هڪ کان وڌيڪ ساٿي ادارن جي سهڪار جي ضرورت آهي. ڪنهن به آفت جي دوران، پهريان يا ان کان پوءِ انهن سمورن ساٿي ادارن کان علاوه جهڙوڪ سول سوسائٽي تنظيمون، نجي شعبا، ماڻهو، غير سرڪاري تنظيمون ۽ ميڊيا پنهنجي ڪردارن ۽ ذميوارين کان آگاهه هئڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪجھ اڻ وڻندڙ حالتن جي ڪري ضلع آفت جي انتظامي اختياري (DDMA) سطح تي آفتي خطري کي گھٽائڻ جي اسٽاف جي پرتي ان وقت ممڪن نه آهي ته پوءِ صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) مالي مدد ڪندڙ ادارن ۽ اقوام متحده کي اتساهي سگهي ٿي، انهن جون فني صلاحيتون وڌائڻ لاءِ ضلع آفت جي انتظامي اختياري (DDMA) سطح تي ڪجھ آفتي خطري کي گھٽائڻ جي ماهرن کي پرتي ڪري سگهي ٿي. ساڳئي نموني شعبي وائز ماهرن جي پرتي ڪري سگھجي ٿي جيڪي شعبي وائز خطري کان شعوري آگاهي جا جائزا ڪرڻ، خطري کان شعوري آگاهي جي سالياني ترقياتي رٿابندي ڪرڻ ۽ شعبي وائز اڳواٽ تيارين جا منصوبا تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگھي ٿو.

## ضلع سطح تي ڪم ڪندڙن لاءِ آفتي خطري کي گھٽائڻ جي مرڪزي ڏارا جا رهنما نقطا

### صحت جو شعبو

- ضلع سطحي تي صحت جي شعبي کي سڀ کان پهريان اها خاطري ڪرڻ گهرجي ته صحت جي شعبي اندر صحت سان لاڳاپيل اسٽاف کي آفتي خطري کي گھٽائڻ جي مرڪزي ڏارا تي مڪمل طور سمجھ آهي ۽ مڪمل طور تربيت يافته آهن.
- ڪيئن صحت شعبي جي سالياني ترقياتيءَ رٿابندي اندر آفتي خطري کي گھٽائڻ (DRR) کي شامل ڪرڻ تي اسٽاف جي وچ ۾ مشاورت ۽ بحث شروع ڪريو.
- خطري ۾ گهيريل علائقن جي سمورين صحت جي سهولتن جي قسمن جي خطرن جو جائزو وٺو
- لچڪدار خطرن سان صحت جي سهولتن جي عمارت ۽ نئين اسپتالن جي تعمير کي فروغ ڏيو
- صحت جي سهولتن ۽ اسپتالن لاءِ آفتن جي اڳواٽ تياري جي منصوبن کي عمل درآمد ڪريو
- سمورن سطحن تي صحت جي سهولتن جو جائزو ۽ صلاحيت جي تعمير ڪريو
- صحت، ترقيءَ ۽ آفتن جا تعلقات
- صحت جي شعبي جون اڳواٽ تياريون
- صحت جي سهولتن (بي ايچ يو، آر ايچ سي وغيره) جا ساليانا انگ اکر گڏ ڪريو
- صحت جو خطري کان آگاهي جو ساليانو ترقياتيءَ منصوبو ٺاهيو
- صحت جي سهولتن جي جاءِ ڪنهن لاهي جي چيڙي تي، ڪنهن جبل جي چپون ڪرڻ واري پاسي جي ويجهو، ڪاهين، ندين يا ڪسين جي ويجهو، غلط لائنون فعال ڪرڻ لاءِ ويجهڙائي ۾ يا سڀ کان مٿي (پري 10 ميٽرن کان گهٽ)، طوفان جي لهرن جي شڪار علائقن ۽ ندين جي ڪناري ويجهو نه هئڻ گهرجي جيڪو ان جي بنياد کي ڪائي سگهي ٿو.
- مٿانهين زمين تي صحت جي سهولتن جو هنڌ يا انهن سهولتن جي چوڌاري حفاظتي بند ٺاهيو
- صحت جي سهولت رستن سان گڏوگڏ ۽ ويجهي واقع هئڻ گهرجي ۽ ڪميونٽي کي آمد و رفت جي حوالي سان آساني قابلِ رسائي هجي
- هڪ کان وڌيڪ خطرن جهڙوڪ ٻوڏون، زلزلا ۽ طوفانن لاءِ محفوظ عمارت جا ضابطا تيار ۽ نافذ ڪريو.
- تعمير ڪرڻ جون فني ترڪيبون ۽ محفوظ مٽيريل جو استعمال ڪريو
- معذور ماڻهن جي طرفان استعمال ڪرڻ لاءِ ۽ داخل مريضن لاءِ مناسب علائقن ۾ چاڙهيون هئڻ گهرجن.
- نوان ڍانچا باهه روڪيندڙ ۽ اڻ زهريلي مٽيريل سان ٺاهيا وڃن.
- خاطري ڪريو ته غير بناوتي ڪمي جا معيار صحت جي سهولتن ۾ عمل درآمد ڪرايا ويندا آهن

- باقاعده شين کي نئين سر تيار ڪريو ۽ باقاعده نگراني جي ذريعي ضابطه ميعار جي خاطري ڪريو
- صحت شعبي اندر توڙي ٻاهر جي مختلف ساٿي ادارن جي وچ ۾ تعاون ۽ رابطاگيري بهتر ڪريو
- ڪنهن آفت جي صورتحال تحت موثر ضابطگيءَ ۾ صحت تي ڪم ڪندڙن جي تربيت ڪريو
- ڪميونٽي ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي خاص طور تي ابتدائي طبي امداد مهارتن تي آگاهي ڏيو

## تعميري ڍانچي جو شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي صلاحيت جي تعمير ڪريو
- اهم اثاثن جي شناخت ۽ درجابندي
- تعميري ڍانچي جي حفاظت لاءِ ترجيحن جو تعين ۽ خطرن جو جائزو
- لاڳاپيل شعبن سان خطرن جي مسئلن جي ونڊ ڪريو
- خطري جي شعوري آگاهي ۽ لچڪدار جي ترقياتي رٿابندي ڪريو
- ڪنهن به هنگامي حالتن ۽ آفتن لاءِ هنگامي منصوبو ٺاهيو
- اجتماعي مالڪي ۽ پائيداري لاءِ سڀني ساٿي ادارن سان مشاورت ڪريو
- تعميري ڍانچي جي تحفظ لاءِ ننڍي کان ننڍي سطح تي آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي شروعات ڪرڻ تي توجه ڏيو

## تعميري ڍانچي جي منصوبن ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) کي شامل ڪرڻ لاءِ هدايتون

*طريقه عمل*

1. ڇا هتي هڪ شراڪتي صورتحال جو جائزو ڪيو ويو آهي؟
   الف. ڇا آفت جي انتظام ڪاري جي ماهرن، فني ماهر ۽ ٻين ماهرن منصوبي جي تياري ۾ شرڪت ڪئي آهي؟
   ب. ڇا خطري جي زد ۾ آيل ساٿي ادارن خاص طور تي عورتن ۽ پسمانده گروپن سان مشاورت ڪئي وئي آهي؟
   پ. ڇا نجي ادارن ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمن کي شامل ڪيو ويو آهي
2. ڇا ساٿي ادارن جو تجزيو مڪمل ڪيو ويو آهي؟
   الف. ڇا منصوبو سماجي انصاف و عدل جا درجا جنهن ۾ عام طور غريب ماڻهو آفت جي خطري جي وڌيڪ زد ۾ آيا آهن ۽ غربت جي خاتمي کي شامل ڪري ٿو؟
   ب. ڇا منصوبو ڪمزور گروپن جي سماجي تحفظ، صحت، ڇانڊ، تعليم ۽ پيشي ورانه تربيت جي رسائي ۾ مدد ڪندو؟

*قانون و ضابطو*

1. ڇا منصوبو موزون قانون، ضابطي جي ڍانچن ۽ خاص قاعدن قانون سان تعميل ڪري ٿو؟
2. ڇا موزون قانون ضابطن سان منصوبي جي تعميل جي خاطري ڪرڻ لاءِ انفرادي، تنظيمن ۽ ادارن لاءِ ڪردار ۽ ذميوارين جون واضع وصفون ڏنيون ويون آهن؟
3. ڇا هلندڙ مرحلن ۽ تعمير دوران قانون، قاعدن ۽ خاص قاعدن قانونن سان تعميل کي يقيني بنائڻ لاءِ خاص طور تي هڪ معائني جي طريقيڪار کي اپنائڻ لاءِ موجود آهي؟

*صلاحيت جي تعمير*

1. ڇا منصوبو بين السرحدي، علاقائي ۽ مقامي خطرن جو اندازو ۽ نگراني ڪرڻ لاءِ صلاحيتون وڌائي ٿو؟
2. ڇا منصوبو موجوده آفت سان متعلق ٽڪرا اثر ۽ ضرورتن جي جائزي جون هدايتن جي پيروي ڪري ٿو؟
3. ڇا منصوبو موجوده آفت سان متعلق ٽڪرن اثرن جو استعمال ۽ ضرورتن جي جائزي جون هدايتن فعال ڪري ٿو؟
4. ڇا منصوبو خطرو گھٽائڻ ۽ آفتي انتظام ڪاري لاءِ ڪميونٽي سطح تي صلاحيت جي تعمير کي وڌائي ٿو؟
5. ڇا منصوبو خاص طور تي ڪمزور گروپ جهڙوڪ غير رسمي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ، جسماني ۽ سماجي و اقتصادي خطرن تي احساس ڏياري ٿو؟

*ڄاڻ ۽ معلومات ونڊڻ*

1. علائقي يا خطي جي لاءِ ڪوئي خطرن جو نقشو موجود آهي؟
2. ڇا خطرن وارو نقشو منصوبي جي ڊيزائن، خطرن جي جائزي ۾ استعمال ڪيو ويو آهي؟
3. ڇا ڪميونٽي سطح تي ڄاڻ منصوبي جي ڊيزائن، منصوبي جي عملي طريقيڪار ۾ دوباره جائزو، شامل ڪئي وئي آهي؟

*اڳواٽ ڄاڻ ڏيڻ جو نظام*

1. منصوبي جي عملي ڪمن ۽ ڊيزائن ۾ اڳواٽ ڄاڻ ڏيڻ وارو نظام شامل ڪيو ويو آهي؟
2. عام وقتن دوران اڳواٽ ڄاڻ ڏيڻ وارو نظام جو واهپو موجود آهي؟

*بنيادي خطرن کي گھٽ ڪرڻ جون مخصوص ڪوششون*

1. ڇا منصوبو پائيدار زمين جي استعمال ۽ انتظام ڪاري جي ماحولياتي نظام همٿائي ٿو؟
2. ڇا منصوبو گڏيل ماحولياتي ۽ قدرتي وسيلن جي انتظام ڪاري ۾ مدد ڪري ٿو؟
3. ڇا منصوبو ڪاڌي جي حفاظت کي بهتر ڪرڻ جي طريقن ۾ مدد ڪري ٿو؟
4. ڇا منصوبو غريب ماڻهن لاءِ مٿيل آمدني جي اختيارن ۾ مدد ڪري ٿو؟
5. ڇا منصوبو نجي شعبن کي آفتي خطرن کي گھٽائڻ جي سرگرمين ۾ مشغول رکي ٿو

*مالي وسيلن جي درخواست*

1. ڇا منصوبو مالي خطرن جي ونڊ جي طريقن کي شامل ڪري ٿو؟
2. ڇا منصوبي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ لاڳت جو تجزيو B:C خطري گھٽائڻ جو متبادل تجزيو فائدو ڏئي ٿو؟

## رهائشي شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتن جي خطري کي گھٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي صلاحيتي تعمير
- انساني وسٽين تي آفتن جي اثرن جو جائزو وٺڻ
- آفتي خطري کي گھٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا لاءِ آرهائشي شعبي ۾ درخواست جي پيڪيجن / ٽول ڪِٽ جي استعمال جون هدايتون
- رهائشي شعبي ۾ آفتي خطري کي گھٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا لاءِ وڪالت
- ساليانِي بنيادن تي شهري ۽ ٻهراڙي جي گھرن جا انگ اکر رکڻ

- رهائشي علائقن لاءِ آفتي خطري گهٽائڻ (DRR) جي چيڪلسٽ تيار ڪرڻ جيڪڏهن چيڪلسٽ موجود آهي ته پوءِ ان کي عمل درآمد ڪرڻ
- جامع نگراني ۽ جائزو
- عمارت جي قاعدن قانون ۽ اصولن جي سختي سان پيروي ڪرڻ
- سرڪاري ۽ نجي رهائشي منصوبن تي سخت چڪاس واري نظر رکڻ
- محفوظ رهائشگاهن لاءِ هدايت ۽ رهنمائي ڪرڻ
- ترقياتي رٿابندي ۾ سرگرمي سان حصو وٺڻ
- رهائشي علاقن لاءِ خطرن جي روڪٿام واريون معياري ڊيزائنون بين الاقوامي سطح تي موجود آهن ۽ مختلف قسمن جي اڏاوتن ۽ آفتن لاءِ آساني سان موجود آهن.
- عمارتي قاعدا محفوظ تعميري طريقن جي خاطري ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏيڪ ضابطه اوزار آهن جيتوڻيڪ اهي عمل ۾ آڻڻ ۽ اشتهاري نٿو ٿي سگهي.
- آفت جي خطري جي انتظام ڪاري جا تحفظات ٻنهي عارضي ۽ مستقل جي رهائشي لڏپلاڻ لاءِ جڳهه جي انتخاب ۾ لاڳو ڪيو وڃڻ گهرجي.
- خطرن کان مسلسل متاثر ٿيندڙ علائقن ۾ نئين سر اڏاوت نه ڪرڻ گهرجي. ان جو قرار ڪرڻ به مشڪل آهي جتي غير محفوظ متبادل زمين استعمال ڪرڻ جا قاعدا ان کي نٿا روڪين يا ٿورڙا آهن
- نئين سر اڏاوت جي هدايتن کي جاءِ انتخاب ڪرڻ جو موضوع شامل ڪرڻ گهرجي نئين سر اڏاوت جي رابطاگيري جي پروگرام طور هئڻ گهرجي جيئن ٻئي ايجنسين ۽ ماڻهن کي انهن سمورن فيصلن جي اهميت بابت علم يافته ڪيا ويا آهن.
- بحالي عمارتن ۽ تعميري ڍانچن جي سهولتن جي بناوٽي ۽ اڻ بناوٽي ڦير ڦار سان معاملا طح ڪري ٿي.
- نون حلقه بندي قانونن ۽ نئين ۽ جديد ڊيزائن ۽ اڏاوتي قاعدا رد عمل جي طور لاڳو نٿا ٿي سگهن. اهو ضروري آهي ته آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ، موجوده عمارتن جو تحفظ ۽ بناوٽي سالميت ۽ بحالي واري ڪم جي دوران تعميري ڍانچن جون سهولتون بهتر ڪيون ويون آهن.
- تربيتي پروگرام گهراڻن ۽ ڪميونٽي ۽ مخصوص متاثر ٿيل علائقن لاءِ ڪمي لاءِ ساراهيل حڪمت عملين تي اثر ڪندڙ خطرن جي پروڙ مهيا ڪرڻ گهرجي. خطري جي روڪٿام واري فني علم ۾ رازن، انجنيئرن، معمارن، تعميرات جي ماهرن وغيره جي سکيا ڪرڻ
- ڪنهن عمارت جي جاءِ يا ڍانچي جو خطرو تمام گهٽو وڌي سگهي ٿو. ڪنهن عمارت يا تعميري ڍانچي جي خطرو جي ڪمي وارن مقدارن جي مخصوص سببن تي توجه ڏيڻ گهرجي. تمام وڏن خطرناڪ علائقن ۾ سمورين عمارتن جي برطرفي، منتقلي يا تبديل ڪرڻ خاص طور تي اهي جيڪي قاعدن نهڻ کان پهرين تعمير ڪيون ويون آهن. اهي سڀ قائم ڪيل عمارتون جيڪي قاعدن کان اڳ ۾ نهيل واحد آپشن آهي. ڪميونٽي جي ڪنهن ڍانچي جي اهميت تي مبني ۽ ان سان متعلق خطري کي ضرور ترجيح ڏيڻ گهرجي.
- سنڌ جي مختلف حصن ۾ تمام گهڻيون پراڻيون عمارتون موجود آهن، ضلع وائز پراڻين عمارتن تي مطالعو ڪرڻ ضروري آهي ۽ مستقبل ۾ انساني نقصانن کان بچڻ لاءِ پراڻين عمارتن کي پيچي ڪيرائڻ جي پاليسي تيار ڪريو.

## زراعت جو شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتن جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي صلاحيتي تعمير
- زراعت جي شعبي تي آفتن جا خراب اثر، ۽ زرعي خطري جا اثر ۽ شعبي جي اندر خطري جو جائزو
- زرعي شعبي جي تناظر ۾ مخصوص خطري جي سطح کي منهن ڏيڻ لاءِ مناسب آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مناسب حڪمت عملي ۽ پروگرام
- زرعي ۽ خوراڪ جي حفاظت ۾ مرڪزي ڌارا لاءِ پروگرام ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جا منصوبا ٺاهڻ

- هنگامي فصل جي رٿابندي جي پروگرامن کي وڌائڻ؛ طرحين طرحين فصل
- آف فارم ۽ نان فارم سرگرمين کان ضمني آمدني جي پيداوار
- زريعه معاش ۾ فصل لاءِ تباهي ۽ نقصان پري ڏيڻ لاءِ قرض واريون اسڪيمون ۽ موثر ويمو
- زراعت جي شعبي جي اندر توڙي ٻاهر جي مختلف ساٿي ادارن وچ ۾ رابطاگيري ۽ تعاون بهتر ڪرڻ
- ممڪنه آفتن جي شدت، تسلسل ۽ قسم جي شناخت ڪرڻ (آفتي نقشي بندي، ڪميونٽي جي شرڪت مقامي معلومات درستگيءَ کي يقيني بنائيندي)
- مناسب فصل جي انتخاب کي يقيني بنائڻ (نون قسمن جي چڪاس ۽ متعارف ڪرڻ، جانورن جي عمل سان پنيون ڪاهڻ، خشڪ، ڪلراٺي ۽ سيلابي روڪٿام وارين فصلن جي پوکائي، فوري/وڌندڙ فصلن کي همٿائڻ)
- هنگامي فصل جي رٿابندي ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ (ابتدائي بارشن/دير سان لهندڙ فصلن جي کيتي جي نمونن ۾ تبديلي ڪرڻ، خشڪي، سيلابي، ڪلر کي برداشت ڪندڙ فصلن جا قسمن جي ٻجن جي موجودگي)
- فصل جي لُٽڻ جي انتظام ڪاري / اشاعت وڌائڻ (آفتي علائقي جي پروفائل کي نظر ۾ رکندي ڪاڌ خوراڪ جي ڪارگذاري، ڪاڌ خوراڪ کي خشڪ ڪرڻ واريون مشينون، ڪاڌ خوراڪ جا ذخيره گڏ ڪرڻ. سرڪاري/نجي ۽ ڪميونٽي سطح تي مبني مددگار سرگرميون جهڙوڪ اناج جون بينڪون، مقامي سطح تي منظم ڪيل خوراڪ / ڪم ڪندڙ يونٽن ۽ مارڪيٽ سان رابطا زرعي پيداوران جي ورهاست ۽ موثر تحفظ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي)
- پاڻي جي ضابطي جي تعميري ڍانچي / بارشي پاڻي جو ذخيرو؛ پاڻي جي تحفظ جو فن ۽ علم؛ جهنگل/جهنگل لڳائڻ ۽ زراعت يا ٻيلا تيار ڪرڻ لاءِ همٿائڻ. پاڻي جي انتظام ڪاري تي ڪميونٽي سان گڏ فني ادارا ۽ غير سرڪاري ادارا ڪم شروع ڪري سگهن ٿا.
- آفتي خطري جي اڳواٽ تياري ۽ ٻين وابستا ادارن ۾ لاڳاپيل شعبن زرعي، چوپائي مال، جهنگل ۽ ماهيگيريءَ جي ڪم جو جائزو وٺڻ
- مخصوص تعميري ڍانچن جي واڌاري جهڙوڪ ٻيمن جي چڪاسي هوا جي رُخني، باھ جي رُخني، ڪاڌ خوراڪ جي ذخيرن جي ثابتي، سيلاب ڪائيندڙ زمين جي ڍانچن تي ضابطو آڻڻ، نڪاسي جي نظام جي شاففيت جي معمول، ٻج ۽ مال جي چارن جي ذخيرن، ترڪيبي قوتِ مدافت يافته خشڪ سالي جي پاڻي جون جڳهيون ۽ روايتي نبيرن جي طريقيڪارن جي واڌاري تي تربيتون ڪرائڻ.
- آلاتن جي منتقلي ۽ خطرن جي ونڊ سان منسلڪ ڪرڻ لاءِ ماهرين جي مدد ڪرڻ جهڙوڪ فصل/چوپايو مال/ماهيگيريءَ جي ويمي، معاوضو ۽ آفتي امداد، ننڍا قرض ۽ نقد پئسن جي منتقلي
- ذريعه معاش جي نئين سر تبديلي کي وڌائڻ. اها ننڍي/وڏي سطح جي ڪاروباري واڌاري جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿي، نون ٻني ٻاري جي پوکي جي سرگرمين کي متعارف ڪرائيندي (ننڍي/وڏي سطح تي چوپايو مال، مڇي جا تلاءُ، مارڪيٽ ۾ گهُڻ قيمتي نوان فصل)

## تعليم جو شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتن جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڏارا تي صلاحيتي تعمير
- خطري زده علائقن ۾ سمورن قسمن جي تعليمي ادارن جي خطري جو جائزو وٺڻ
- نون تعليمي عمارتن کي درپيش خطرن لاءِ قوت مدافت جي تعمير کي فروغ ڏيڻ
- استادن جي تربيت ۽ اسڪول جي نصاب ۾ آفت گهٽائڻ جي انتظام ڪاري (DRM) جي موضوع کي متعارف ڪرائڻ لاءِ وڪالت ۽ سفارش ڪرڻ
- انهن جي هنگامي امدادي پناه گاهن جي استعمال ڪرڻ جي طور لاءِ اسڪول جي ڍانچن اندر خصوصيتون متعارف ڪرائڻ

- تعليمي نصاب ۾ ۽ اسڪول جي عمارتن جي تعمير ۾ آفتي خطرن کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا جي مختلف طريقن لاءِ تجويز ڏيڻ
- تعليم جي شعبي ۾ آفتي خطرن کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا لاءِ پائيواريون ڪرڻ
- تعليم ۾ آفتي خطرن کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا جي سرگرمي شروع ڪرڻ لاءِ رٿابندي تيار ڪرڻ
- ڪنهن هنگامي حالت جي صورت ۾ تعليم لاءِ ساليانو ترقياتي رٿابندي کان علاوه تعليم جو مسقتل منصوبو تيار ڪرڻ
- استادن لاءِ تربيتون ڪوٺائڻ جي ضرورت سان گڏوگڏ مجموعي طور تعليمي ڪميونٽي لاءِ مددگار مهمون ۽ تعارفي ورڪشاپ ڪوٺائڻ
- موجوده پڙهائڻ جي شين جو جائزو وٺڻ ۽ ضروري تبديليون ڪرڻ لازمي آهي (پڙهائڻ جي جو هدايتي ڪتاب، رهنما استاد، نصابي ڪتاب، ڪم ڪرڻ جا ڪتاب، شاگرد جون سرگرميون، وغيره) ته جيئن اهي شيون استاد کي نصاب جي فراهمي ۾ مدد ڪن
- ٻارن ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ بابت ڄاڻ جي سطح ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ مختلف وقفن ۾ سوالنامي جي ذريعي نگراني ڪري سگهجي ٿي.
- ان کان علاوه ڄاڻ جي منتقلي جو حتمي جائزي لاءِ پڙهائڻ جي سرگرمين جي اختتام تي هڪ اسڪول جو حفاظتي هفتو ڪوٺائي سگهجي ٿو.
- اهو مشورو ڏجي ٿو ته ٽيڪنيڪل ورڪنگ گروپ تعليمي نصاب تيار ڪندڙ ۽ نصاب جي جائزي جي قومي ڪاميٽي سان گڏجي ڪم ڪري ته جيئن اڳيئن نصاب جي نظرثاني وقت ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي نئين موضوع/ماڊيول جي تڪميل لاءِ ڪٽي سگهجي.
- خصوصيتن ۾ اضافو ڪندي، جهڙوڪ اسڪول ۾ ڪاڌي پچائڻ، نڪاسي ۽ پاڻي لاءِ سهولتون خطري زده علائقن ۾ هنگامي پناه گاه طور استعمال ڪرڻ
- اسڪول ۾ هنگامي رٿابندي لاءِ رهنما هدايتون تيار ڪرڻ
- سمورين موجود عمارتن جي جاءِ، ڊيزائن ۽ تعمير جي معيار سان حفاظتي آڊٽ ڪرڻ ۽ مسمار ،نئين سر تيار يا مرمت ڪرڻ
- سڀني اسڪولن جو نيون عمارتون جيڪي پناه گاه جي خدمت يا ڪميونٽي لاءِ محفوظ پناه گاه طور سان گڏوگڏ گهٽ کان گهٽ وقت ۾ تعليمي سرگرمي کي بحال ڪرڻ لاءِ درپيش آفتن ۾ فوري رهائش جي تياري لاءِ ڪارڪردگيءَ جي مقصد سان ضابطا عمل ۾ آڻڻ، تيار ڪرڻ، ۽ عمل درآمد ڪرائڻ
- غير محفوظ عمارتن کي ڊاهڻ ۽ انهن کي تبديل ڪرڻ
- اسڪولن ۾ اڻ بناوٽي خطري جي ڪمي کي عمل درآمد ڪرائڻ جتي ضروري آهي (مثال طور هيٺ ڏنل عمارت جون فهرستون ۽ اڻ بناوٽي عمارت جا عنصر ته جيئن رهندڙن کي زلزلي جي جهٽڪن دوران اهي ماري يا زخمي نه ڪري سگهن)
- اسڪول پروگرام ۽ مشابهتي مشق جو اندازو وٺڻ لاءِ مشابهتي مشق ڪوٺائڻ ۽ هڪ وضاحتي گڏجاڻي منعقد ڪرڻ
- اسڪول اسٽاف جي ميمبرن مان ڪم ڪندڙن جو دستو ٺاهيو ۽ انهن کي انخلا جي فني طريقن ۽ منصوبي سازي ڪرڻ ۽ نقشو ٺاهڻ لاءِ چوڻ

## سماجي ڀلائي جو شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتي جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي صلاحيتي تعمير
- ڪميونٽي سطح تي خطري جو جائزو وٺڻ ۽ ممڪنه خطرن کي نمايان ڪرڻ
- سڀ کان وڌيڪ مستحق ۽ پسمانده گروپن جا انگ اکر گڏ ڪرڻ

- ٻين شعبن کي صنفي حساسيت ۽ جامع رٿابندي لاءِ رايا ۽ سفارشون ڪرڻ
- ان کي خطري کان شعوري آگاهي جو ساليانو رٿابندي ڪرڻ

## عوامي صحت جي انجنيئرنگ جو شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتن جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي صلاحيتي تعمير
- اهم اثاثن جي شناخت ۽ درجابندي
- عوامي صحت جي انجنيئرنگ جي سهولتن جي بچاءُ لاءِ خطرن جو جائزو ۽ ترجيحن جو تعين ڪرڻ
- لاڳاپيل شعبن سان خطري متعلق مسئلا ونڊڻ
- قوتِ مدافعت ۽ خطري کان شعوري آگاهي جي رٿابندي جي تياري ڪرڻ
- ننڍي سطح تائين ڪم ڪندڙ منصوبن لاءِ سفارش ڪرڻ
- آفت جي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) کي رد ڪندڙ ٻين شعبن سان مشورو ڪرڻ
- خطرن جي معلومات ۽ خطري جي انگن اکرن جي بنيادن تي خطرن جا قومي جائزا موجود آهن ۽ اهم شعبن لاءِ خطري جي جائزي کي شامل ڪرڻ
- اهم خطرن ۽ ڪمزورين تي سرڪاري يا تواريخي ڪاغذن جي سنڀال جي جاءِ ۽ پکڙيل معلومات جي نگراني لاءِ نظام موجود آهن
- ڪميونٽي سطح تي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ، پهچڻ ۽ اڳواٽ چتاءَ جي نظام کي رکڻ
- تعليم سطح جي سيني ماڻهن ۽ سموري ڪميونٽي لاءِ پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ لاءِ عوامي شعوري آگاهي جي قومي حڪمت عملي موجود آهي
- قومي تي مقامي سطح جي ذريعي پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي نصاب سميت پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ تي استادن کي تربيت يافته ڪيو ويو آهي
- زمين استعمال جي منطق ۽ منصوبا ٺاهڻ، عمارت جا ضابطا ۽ ٻيا قومي ۽ مقامي قانون ۽ ضابطا رکيا ويا آهن
- پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ جا جائزا جيڪي اهم تعميري ڍانچن جي منصوبن جي رٿن لاءِ گهربل آهن
- پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي ردعمل جي پروگرامن جي چڪاس ۽ تيار ڪرڻ لاءِ باقاعدا تربيتون ۽ مشقون منعقد ڪيون ويون آهن ۽ تمام انتظاميا سطحن تي پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي اڳواٽ تياري جا منصوبا ۽ هنگامي منصوبا رکيا ويا آهن.
- پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي اڳواٽ تياري ۽ ردعمل لاءِ صلاحيتي تعمير ۽ سامان موجود آهي.
- مالي ذخيره ۽ هنگامي طريقيڪار پاڻي سان متعلق آفت جي خطري کي گهٽائڻ لاءِ مختص ڪيا ويا آهن.
- ٽيوب ويلن لاءِ ڪنڪريٽ (سيمنٽ ۽ ريتي بجري جو مرڪب) جا مٿانهان ڍڪا
- ڪنهن به قسم جي نالي جي روڪٿام سان حفظِ صحت بابت پائخاني لاءِ مٿانهين سطح
- تلائن جي چوڌاري اونچي ديوار يا بند ٻڌڻ
- “ٻارن، عمر رسيده ماڻهن ۽ معذرون” لاءِ عورت دوستاڻي ۽ “آرامده” علمِ فن

## آبپاشي جو شعبو

- شعبي اندر ڪم ڪندڙ اسٽاف جي آفتن جي خطري کي گهٽائڻ (DRR) جي مرڪزي ڌارا تي صلاحيتي تعمير
- آبپاشي جي سمورن قسمن جي چينلن جي شناخت
- آبپاشي جي سهولتن جي بچاءُ لاءِ خطرن جو جائزو ۽ ترجيحن جو تعين ڪرڻ
- مختلف خطرن جي درجابندي ۽ خطري جي منتقلي جو منصوبو ٺاهڻ
- آبپاشي جي تمام ذريعن جي مڪمل معلومات رکڻ
- ننڍين سطحي ڪمي ڪندڙ منصوبن لاءِ سفارش ڪرڻ
- آفت جي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) جي منسوخ جي ٻين شعبن سان مشورو ڪرڻ
- آفت جي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) کي رد ڪندڙ ٻين شعبن سان مشورو ڪرڻ
- خشڪ سالين ۽ ٻوڏن کي گهٽائڻ لاءِ آبپاشي شعبي جي صلاحيتن کي وڌائڻ
- ٻوڏ کان پهرين واري موسم ۾ ٻوڏ کان بچاءُ لاءِ مرمت جو ڪم مڪمل ڪرڻ
- ڪميونٽي ۽ مقامي اختيارين کي غير آباد علائقن ۾ نظام ۽ بارش جي پاڻي جي ذخيرن جا ٽينڪ تعمير ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ
- پاڻي فراهمي جي قاعدي لاءِ منصوبي جو جائزو وٺڻ
- پوزيشن ۽ مشينري جو هنڌ جو ويجهن خطري جي جڳهن لاءِ هنگامي مرمت ڪرڻ
- حصن جي ناانصافي جو معائنو ۽ اختتامي سروي ڪرڻ

## ڪوسٽل گارڊ

- حڪم موجب اڳواٽ تياري جو هنگامي منصوبو ۽ آفت جي انتظام ڪاري کي هلائڻ وارو منصوبو تيار ڪرڻ
- خاص طور تي پاڪستان جي ساحلي علائقن لاءِ هنگامي منصوبو ٺاهڻ
- ترت علاج ۽ خطري جي جڳهن کي خالي ڪرائڻ تي ساحلي ماڻهن لاءِ ضلعي آفت جي انتظامي اختياريون (DDMAs) سان گڏجي گڏيل تربيتي پروگرام جو بندوبست ڪرڻ
- عمارتن ۽ سامان جي فهرست تيار ڪرڻ ۽ ان کي ضلعي آفت جي انتظامي اختياريون (DDMAs) ۽ صوبائي آفت جي انتظامي اختياري (PDMA) سان ونڊڻ
- ممڪنه آفت لاءِ ساحلي ماڻهن کي چتاءُ ڏيڻ
- ڪنهن به هنگامي ۽ سمنڊ سان لاڳاپيل قدرتي خطري بابت پاڪستان نيوي ۽ بحري حفاظت واري ايجنسي (MSA) سان رابطو ڪرڻ
- هنگامي ردعمل ۾ صلاحيتون وڌائڻ جهڙوڪ ترت علاج، خطري جي جڳهن کي خالي ڪرائڻ ۽ بچاءُ وغيره
- ضلعي، صوبائي ۽ قومي آفت جي انتظامي اختيارين سان رابطو رکڻ
- ضرورت موجب رهائش لاءِ محفوظ هنڌن/عمارتن جي نشاندهي ڪرڻ
- سڌو سنئون رابطن ۽ عوامي ميڙاڪن ۾ تقريرن ذريعي ساحلي ماڻهن کي چتاءُ ڏيڻ
- سڀ کان وڌيڪ مستحق خاندانن کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ
- ڦاٿل ماڻهن، خاندانن ۽ فردن کي بچائڻ ۽ تلاش ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ
- ڪنهن به ساموندي خطري جي صورت ۾ بحري حفاظت واري ايجنسي (MSA) سان رابطو ڪرڻ

شامل ڪيل اضافي دستاويز - الف

# پاڪستان جي رٿابندي واري ڪميشن طرفان ڏاهيل چيڪ لسٽ:

## رٿابندي واري ڪميشن، حڪومتِ پاڪستان

آفتي خطري کي گھٽائڻ جي تعميري ڍانچي/سماجي پيداوار جي شعبن لاءِ چيڪ لسٽ

(23 نومبر 2010 تي PC1 & PC2 جي حصي طور اشتهار نمبر 5(7) Misc./PP&H/PD/10 ڏسو)

1. ڪهڙي قسم جا خطرا منصوبي لاءِ اٽڪل ان جي رٿابندي ۾ ڊيزائن جي حالت جي طريقي طور غور هيٺ آندا ويا آهن؟

منصوبي سان لاڳاپيل خطرن جي اهميت جو لاڳاپيل قاعدي تي نشان لڳايو.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| زلزلو | | خشڪ سالي | | طوفاني بارشون | | ٻاھ | |
| ٻوڏ | | برفاني ڍنڍ جو ٻوڏ | | هوا جو طوفان | | فني و علمي | |
| چيون ڪرڻ | | مڪڙ | | سونامي | | شديد ڪتاءُ | |
| چشما | | سائڪلون | | | | | |
| ٻيا: | | | | | | | |

2. ڇا PC-I ۾ نشاندهي ڪيل خطرن جي علائقن ۾ مختصر تاريخ شامل آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

3. ڇا منصوبو پاڪستان 2007 جي عمارتي ضابطن کي نظر ۾ رکندي ڏاهيو ويو آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

4. ڇا منصوبو موجوده عمارتي قاعدن قانونن کي نظر ۾ رکندي ڏاهيو ويو آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

5. ڇا منصوبو علاقائي (جهڙوڪ ادارتي اختياري علائقو، خطري جو علائقو) رٿابندي جي ضابطن ۾ شامل آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

6. ترجيحي طور، سوال. 1 مٿيئن، ۾ ان جي چوڏاري ۾ فائدو وٺندڙ ان خطري کي گھٽ ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو ادا ڪرڻ لاءِ ڇا خطرن جي اثرن سان مزاحمت ڪرڻ لاءِ منصوبي جا پاڳا ۾ سرگرميون تيار ڪيون ويون آهن؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

آفت جي قوتِ مدافت جي واڌاري ۾ آلن ڪي ڻاهڻ جي ڪردار تي ورڪشاپ، 29-28 ڊسمبر 2010، اسلام آباد

7. ڪنهن آفت جي صورت ۾ بچاءُ ۽ هنگامي امداد لاءِ ڪهڙيون سهولتون موجود آهن؟

| نمبر | سهولت | ضابطو آٽينڊڙ تنظيم | منصوبي ڪان مفاصلو (اندازي موجب) |
|---|---|---|---|
| 1 | باھ اجهائيندڙ سروس | | |
| 2 | 1122 بچاءُ سروس | | |
| 3 | ايڌي سروس | | |
| 4 | پيا | | |

8. ڇا باھ اجهائڻ لاءِ منصوبي واري هنڌ اندر مناسب انتظام موجود آهي؟

باھ لاءِ الارم ☐ باھ اجهائيندڙ پائيپ ☐ باھ اجهائڻ وارو اوزار ☐ پاٽمرادو ڇٽڪندڙ جو نظام ☐

9. ڇا منصوبي جي خطري گهٽ ڪرڻ ۽ ان جي ارد گرد واري آبادي مان مراد ۾ گڏيل ڪمي ۽ ان جي پاڳن جي موسمي سار سنڀال لاءِ امداد موجود آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

10. ڇا منصوبي جي بجيٽ ۾ ڪيش جو واهپو بناوٽي سرگرمين جو خيال رکڻ لاءِ آفت جي انتظام ڪاري لاءِ اجازت ڏئي ٿو؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

11. ڇا منصوبي جي بجيٽ هنگامي حالتن جي ردعمل جي فراهمي ۾ شامل ڪري ٿو (جيئن. خطري جو ڇتاءُ، واقعا، گهٽتائي ۽ بحالي)؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

12. ڇا منصوبي ۾ آفت جي انتظام ڪاري جي رٿابندي ڪندڙن، ڪم ڪندڙن ۽ فائدو حاصل ڪندڙن لاءِ، هڪ شعوري آگاهي جي مهم، تربيت ۽ پروڙ شامل آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

13. ڇا منصوبي جي بجيٽ ۾ ڪيش جو واهپو غير بناوٽي سرگرمين جو خيال رکڻ لاءِ آفت جي انتظام ڪاري لاءِ اجازت ڏئي ٿو؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

14. ڇا سروس، منتقلي، رعايت ۽ وصولي وارن ٺيڪن ۾ خطرن لاءِ حڪمت عملي جو بندوبست شامل آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

15. ڇا ممڪنه خطرن لاءِ هنگامي منصوبو شامل آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

16. ڇا منصوبي ۾ ڪي آلا مالي بچاءُ طور منصوبي جي اختتام ڪانپوءِ ۽ يا عمل درآمد ڪرائڻ دوران شامل ڪيو آهي (ويمو، نقصان جو عيوضو، ضمانت، هنگامي قرض جا بندوبست، وغيره)؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

17. ڇا آفت جي انتظام ڪاري جي واڌاري لاءِ اخلاقي مالي يا اخلاقي ترغيبون موجود آهن؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

18. ڇا منصوبي واري هنڌ اندر ترت علاج وارين ڪٽن ۽ سرچ لائٽ ۽ بچاءُ جي ساز و سامان جي موجودگيءَ ۽ باهه اجهائيندڙ اوزارن ڪي استعمال ڪرڻ لاءِ اسٽاف ۽ ڪم ڪندڙن جي موسمي تربيت لاءِ بجيٽ ۾ بندوبست موجود آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

. 19. ڇا محفوظ جماعتي علائقن جي نشاندهي، عمل درآمد ڪرائڻ وارا رستا ۽ عمل درآمد ڪرائڻ جا منصوبو تيار آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

20. ڇا ضرورت آهر چتاءُ ڏيڻ واري نظام سميت قائم ڪيل هنگامي حالتن لاءِ رابطاڳيري جو نظام موجود آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

سوال نمبر 21 ۽ 22 صرف پيداوار جي شعبي متعلق آهن

21. ڇا خطرناڪ مادن ۽ زهريلن مادن جي ذخيري لاءِ مناسب بندوبست موجود آهي؟

ها ☐ نه ☐ ڪي قدر ☐ موزون نه آهي ☐

22. ڇا اهم سيمي ڪي روڪڻ لاءِ محفوظ ڪيل خطرناڪ مٽيريل جي ورهاست لاءِ نظام آهي؟

IMMEDIATE

GOVERNMENT OF PAKISTAN
**PLANNING COMMISSION**
**PLANNING AND DEVELOPMENT DIVISION**
(Public Investment Authorization Section)
*****

No. 5(7)Misc./PP&H/PD/10 Islamabad, the 23rd November, 2010

# CIRCULAR

Subject: **INTEGRATION OF DISASTER RISK REDUCTION INTO DEVELOPMENT PROCESS**

It has been decided that in future all development projects requiring approval of Government should give due consideration to vulnerability from natural and human induced disasters and incorporate measures of disaster risk reduction at the project design, planning and implementation stages. Accordingly Checklist (Infrastructure, Production and Social Sectors) are enclosed which may be made part of PC-I & PC-II for consideration of competent forum (i.e. DDWP, CDWP, PDWP, ECNEC).

2. This issues with the approval of the Deputy Chairman, Planning Commission.

Encl: Check List

(Zulfiqar Ali Kayhar)
Research Officer
Tel/9093621

**All Federal Secretaries / Addl. Secretaries (Incharge of Ministries / Divisions)**
**All Chief Secretaries / Chairman P&D / ACS (Dev.) Provincial Governments / Departments, Govt. of AJK, Govt. of Gilgit Baltistan and ACS(FATA).**

Copy to:-
(1) Members, Planning Commission, Islamabad.
(2) Additional Secretary (Admn.) P&D Division Islamabad
(3) Chiefs/ Heads of Technical Sections, P&D Division, Islamabad.
(4) Chief, PIA, P&D Division, Islamabad.
(5) Project Director (MPFP), Projects Wing, Chughtai Plaza, Islamabad.
(6) NPD (DERA)
(8) All Project Directors, P&D Division, Islamabad.

C.C to:-

(1) PS to Deputy Chairman, Planning Commission, Islamabad.
(2) PS to Secretary, Planning & Development Division, Islamabad.

## زلزله زده جي نئين سر تعمير ۽ بحالي جي اختياري جو رهنما ڪتابچو

منصوبي جي ترقياتي تسلسل ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا جي پهلو کي موثر ڪرڻ لاءِ مقامي سطح تي ترقياتي عمل ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا حاصل ڪرڻ جي سطح ۽ آفت جي خطري جي انتظام ڪاري ٽيم اشارا بيان ڪيا آهن.

| مرحلو | داخل نقطا | اشارا |
|---|---|---|
| PC-I | منصوبي جي نشاندهي ۽ تجزيو | آفتي خطري سان لاڳاپيل مسئلن سان چيڪ لسٽ |
| PC-2 | قابلِ عمل منصوبو (جسماني ۽ اقتصادي) | آفتي خطري کي گهٽائڻ جي پرپل چيڪ لسٽ جو جائزو<br>منصوبي جي بجيٽ سميت خطري جو جائزو، ڪمي لاءِ فنڊ هجڻ |
| PC-3 | منصوبو عمل درآمد ڪرڻ (نگراني) | نشاندهي ڪيل پائيوارن کي آفتي خطري منصوبي ۾ غور و فڪر ڪرڻ لاءِ شامل ڪرڻ |
| PC-4 | منصوبي جو اختتام | منظم طريقي سان شامل ڪيل آفتي خطري کي گهٽائڻ جي ثابتي جي موجوددگي |
| PC-5 | جائزو | منصوبي ۾ آفتي خطري کي گهٽائڻ جا تفصيل شامل ڪيا ويا آهن ۽ موثر انداز سان ڪم ڪري رهيا آهن – پائيداري |

### 4.2 رٿابندي جا پنج مرحلا ۽ انهن سان لاڳاپيل دستاويز

#### PC-I جو دستاويز

هي مڪمل منصوبي جو دستاويز آهي جيڪو مسئلن جو بيان، مالي مسئلا ۽ تصور جي باري ۾ معلومات ڏئي ٿو. منصوبو هيٺيان مڪمل تفصيل پڻ ڏئي ٿو:

1. منصوبي جو نالو
2. هنڌ
3. اختياريون ذميوار آهن:
   - I. مالي مدد ڪندڙ شخص/ادارو
   - II. تڪميل ڪرڻ
   - III. هلائڻ ۽ برقرار رکڻ
   - IV. لاڳاپيل وفاقي وزارت
4. منصوبي جي فراهمي
5. منصوبي جا مقصد ۽ شعبي جي مقصدن سان ان جا تعلقات
6. تفصيل، جواز، فني پيراميٽر ۽ فني و علمي منتقلي جا پهلو.

(منصوبن لاءِ 300 ملين رپين ۽ ان کان مٿي مٿي لاڳت لاءِ قابلِ عمل مشاهدو ڪرڻ)
منصوبي جي پائيداري جو جائزو آفتي خطري جو حوالو ڏاهي ٿو.

7. ڪيپيٽل لاڳت جو ڪاٿو لڳائڻ
8. منصوبي جي اختتام ڪانپوءِ هلائڻ ۽ سار سنڀال ساليانی لاڳت
9. گهرج ۽ فراهمي جو تجزيو
10. مالي منصوبو ۽ مالي لک پڙهه جو طريقو
11. منصوبي جا فائدا ۽ تجزيا
    I. مالي
    II. اقتصادي
    III. سماجي فائدا ۽ اشارا
    IV. نسل لاءِ روزگار (سڌو ۽ اڻ سڌو)
    V. ماحولياتي اثر
    VI. منصوبي جي لاڳت تي دير ڪرڻ جا اثر ۽ مالي نتيجا
    **VII. آفتي خطري جي لچڪداري جي چيڪ لسٽ**
12.
    a) عمل درآمد ڪرائڻ جو شيڊيول
    b) نتيجي تي مبني نگراني (RBM) جا اشارا
13. انتظاميه جو ڍانچو ۽ انساني قوت جو گهرجن سميت مرحلن جي تعمير ۽ هلائڻ جون خاص مهارتون
14. گهربل وڌيڪ منصوبا/فيصلا تجويز ڪيل منصوبي مان سماجي و اقصادي فائدا وڌ کان وڌ وٺڻ
15. تصديق شده آهي ته PC-I جي تياري جي لاءِ پيداواري شعبي جي منصوبن لاءِ رٿابندي واري ڪميشن کان مليل هدايتن موجب منصوبي جي رٿ تيار ڪئي وئي آهي.

## PC-II جو دستاويز

هن سطح جي لک پڙهه دستاويزي هيٺين معلومات مهيا ڪري ٿي:

1. سروي جي نالي/امڪان جي نشاندهي ڪئي ويندي، انتظامه اختياريون هيٺين نقطن تي ذميوار آهن:
    I. مالي مدد ڪرڻ وارو شخص/ادارو
    II. تڪميل ڪرڻ
2. سروي/امڪان جا تفصيل
    I. سرسري تفصيل ۽ جواز؛ آفتي خطري جي غور ويچار سميت
    II. عمل درآمد ڪرائڻ جو مدو
    III. سال وائز ڪٿيل لاڳت
    IV. انساني قوت جو گهرجون
    V. مالي منصوبو
3. امڪاني مشاهدي جي سروي جا امڪاني نتيجا ۽ منصوبي جا تفصيل امڪاني طور تي سروي ڪانپوءِ جمع ڪرايا وڃن

## PC-III جو دستاويز

1. منصوبي جو نالو
2. منظور ڪيل ڪيپيٽل لاڳت

3. آخري مالي سال جي ختم ٿيڻ تائين جا خرچ
4. موجوده سال لاءِ PSDP جي ورچ
5. سالياني ڪم جو منصوبو
6. سالياني منصوبي تي مبني سماهي ڪم جو منصوبو
7. ڪيش جو منصوبو
8. نتيجن جا اشارا: **آفتي خطري جي نگراني سميت (علائقي ۾ اڪثر خطرا) PC-I ۾ ڏنل اشارن جي بنيادن تي پراجيٽ ڊاريڪٽر جي طرفان تعين ڪيو وڃي.**

## PC-IV جو دستاويز

1. منصوبي جو نالو
2. عمل درآمد ڪرائڻ جي مدت
   a) PC-I جي مطابق
   b) حقيقي مطابق
3. ڪيپٽل لاڳت
4. PC-I جي مرحلي/ورهاستون، جاري ڪرڻ ۾ خرچ
5. شيءَ وائز جسماني هدف ۾ حاصلاتون
6. منصوبي جا قابلِ تعين فائدا
7. مالي
   a) اقتصادي
   b) سماجي
   c) روزگار پيدا ڪرڻ
8. مالي/اقتصادي نتيجن جي بنيادن تي حقيقي لاڳت
   a) مالي
      نيٽ جو موجود مُلھ
      فائدي جي لاڳت جو ريشو
      واپسي جو اندروني مالي ريٽ
      يونٽ جي لاڳت جو تجزيو
   b) اقتصادي
      نيٽ جو موجود مُلھ
      فائدي جي لاڳت جو ريشو
      واپسي جو اندروني ريٽ
9. آيا منظور ڪيل مقصد مطابق منصوبو عمل درآمد ڪرايو ويو آهي. جيڪڏهن تفصيلي تبديلي جو جواز مهيا نه ڪيو آهي
10. هدف يافته گروپ تي منصوبي جو اثر
11. سبق سکيا ويا آهن؛
   a) منصوبي جي نشاندهي
   b) منصوبي جي تياري

c) منصوبي جي منظوري
d) منصوبو عمل درآمد ڪرائڻ
12. ساڳي منصوبن ڪي عمل درآمد ڪرڻ ۽ رٿابندي لاءِ رايا

## PC-V جو دستاويز

1. منصوبي جو نالو
2. PC-I جي مطابق منظور ڪيل منصوبي جو مقصد ۽ مطالبو ۽ ڪنهن حد تائين مقصد پورا ڪيا ويا آهن. **آفتي خطري ڪي گهٽائڻ (DRR) جي غور و فڪر سميت**
3. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل تفصيلن سان منصوبي جي بار بار ٿيندڙ لاڳت
4. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل انساني قوت ڪي مليل روزگار
5. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل منصوبي جو جسماني نتيجو
6. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل منصوبي جي آمدني
7. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل معيشت ۾ فائدا
8. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل سماجي فائدا
9. حقيقي ۽ رٿابندي ڪيل في يونٽ پيداوار/وڪيل لاڳت
10. مارڪيٽنگ جو طريقيڪار
11. ساز و سامان ۽ عمارت جي سار سنڀال لاءِ بندوبست
12. PC-I ۾ واضع ڪيل طور هدف جا نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن نه ته ان جو سبب ڏيو: **آفتي خطري ڪي گهٽائڻ (DRR) جي مسئلن سميت**
13. سال جي دوران سبق سکيا ويا
    - آپريشن
    - سار سنڀال
    - مارڪيٽنگ
    - انتظام ڪاري
14. سال دوران منصوبي ۾ ڪا به تبديلي:
15. منصوبي ڪي بهتر ڪرڻ لاءِ رايا

زلزله زده جي نئين سر تعمير ۽ بحالي جي اختياري (ERRA) آفتن جي خطري جي انتظام ڪاري (DRM) پروگرام ان حقيقت کان آگاهه آهي ته منصوبو ٺاهيندڙ ۽ ساٿي ادارن شيڊيول ۽ وڌيڪ ڪم جي طلب ڪئي آهي. چيڪ لسٽ جو رهنما هدايتون، تنهنڪري، اهو بيان ڪجي ٿو ته لازمي رهنما هدايتون يا منصوبي جا اصول ۽ ضابطا ٺاهڻ مقصد نه آهي، پر منصوبي اندر خطري گهٽائڻ جي مقدار ڪي شامل ڪرڻ ۾ ڪم ڪندڙ ٽيم جي آفت جي خطري جي انتظام ڪاري جو شعور وڌائڻ ۽ آلن جو هڪ سيٽ مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي. بحرال منصوبي جي ڊيزائن جي سچي عمل ۾ چيڪ لسٽ استعمال ڪرڻ بنيادي آهي.

## حوالا


1. قومي آفت جي انتظام ڪاري جو منصوبو (2022-2010). قومي آفت جي انتظامي اختياري، اسلام آباد: 2012).
2. آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي قومي پاليسي (2013)
3. هڪ ڪان وڏيڪ خطرن جو هنگامي منصوبو - صوبو سنڌ. صوبائي آفت جي انتظامي اختياري، ڪراچي: (2013
4. آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا لاءِ آلا (چارلوٽ بينسن ۽ جاهن ٽونگ سان زيانا روسيٽو 2007).
5. شرڪت ڪندڙ جو دستي ڪتابچو (2010 ۾ قومي آفت جي انتظامي اختياري (NDMA) جي مدد سان رٿابندي واري ڪميشن طرفان آفت ۾ لچڪ پيدا ڪرڻ ۾ تيار ڪيل آلن جي ڪردار تي ڪوئايل ورڪشاپ)
6. مقامي سطح تي ترقياتي عمل ۾ CCA ۽ آفت جي خطري گهٽائڻ جي مرڪزي ڌارا
7. مرڪزي ڌارا جي رهنمائي لاءِ آفت جي خطري کي گهٽائڻ جي موسمياتي تبديلي جي مطابقت ۽ رهنما اصول (IFRC)

